
# مون ۾ مان ناراض

لڪشمڻ دُبي



# مون ۾ مان ناراض

[شاعري]

## لڪشمڻ دُبي

سنڌي ادبي سنگت سنڌ

2009

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.
پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب نمبر ٻارهون**

ڪتاب جو نالو: مون ۾ مان ناراض

موضوع : شاعري

شاعر : لڪشمڻ ڏُبي

ڇاپو : پهريون مئي 2009

ٽائيٽل ڊزائن : مور ساگر

ڪمپوزنگ : منظور احمد جوڻيجو

الرزاق ڪمپيوٽر ڪمپوزرس حيدر چوڪ حيدرآباد 03332634650

ڇپائيندڙ : سنڌي ادبي سنگت سنڌ

قيمت: 100/= روپيه

(پڪو جلد) 150/= روپيه

MOON MEN MAAN NARAZ (Poetry) written by: Lakshman Dubi

Published by, Sindhi Adabi Sangat, Sindh, Pakistan. Edition First, 2009.

# سنگت پاران

سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي اشاعتي سلسلي جو ٻارهون ڪتاب هِند-سنڌ جي مشهور شاعر لڪشمڻ ڏُبي جي شاعري جو مجموعو ”مون ۾ مان ناراض“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. لڪشمڻ جو سنڌ ۾ هي پهريون شعري مجموعو آهي، جيڪو ڇپائڻ جو اعزاز سنگت کي حاصل ٿيو آهي.

لڪشمڻ جي شاعريءَ خاص ڪري غزل سنڌي شاعري ۾ اهم حيثيت وارا رين ٿا. لڪشمڻ جي غزل ۾ نواڻ سان گڏ فن ۽ ٻولي جو هُڳاءُ، رس ۽ چَس ثابت ٿو ڪري ته لڪشمڻ جا غزل سنڌي ٻوليءَ جي ڪجھ اهم شاعرن جي شاعريءَ سان برميچي سگهجن ٿا.

مونکي اميد آهي ته لڪشمڻ جو هي شعري مجموعو نه فقط سنڌي شاعريءَ ۾ اهم اضافو ثابت ٿيندو پر سنڌ جي شاعرن کي پُڻ اُن مان حظ حاصل ڪرڻ جو ڀرپور موقعو ملندو.

هن ڪتاب جي ڇپائي جي سلسلي ۾ آئون پنهنجي دوست مشتاق گبول جو ٿورائتو آهيان جنهن ڪتاب جي ڇپائي جي مختلف مرحلن ۾ هٿ ونڊايو.

سنڌ سلامت، ساٿ سلامت

**يوسف سنڌي**

سيڪريٽري جنرل

سنڌي ادبي سنگت سنڌ

28 اپريل 2009ع

# مهاڳ

اِنسانيت جو ٻيو نالو شاعري آهي. مذهب جو ٻيو نالو شاعري آهي. سونهن شاعري آهي. سچ شاعري آهي. ٻار جي معصوميت شاعريءَ جو ٽيون ٻيو روپ آهي. اچرج جو احساس شاعري آهي. شاعري دل جي ڌڙڪڻ جو ٻيو نالو آهي. ڀڳوان شاعريءَ جو مجسم آهي. هر راند شاعري آهي (فوٽ بال کي تہ چوندا ئي جسم جي ڪوتا آهن) اِنسان کي سک ڏيندڙ هر شيءِ شاعري آهي. پر شاعري شرارتي ٻار بہ آهي، دائما پرندڙ جبل آهي، خونخوار واگهہ بہ آهي، جيڪو اندر کي رهنبوتي ٿو. ڪنهن سچ چيو آهي تہ "اونداهي رات شاعريءَ جو ڀريون ڪتاب آهي، جنهن ۾ تارا ڪوتائون آهن."

لڪشمڻ جي سنڌي غزلن جو هيءُ ٽيون مجموعو (لڪشمڻ جا اڏ ڊزن کن هندي ۽ گجراتي غزلن جا مجموعا اڳ ئي شايع ٿي چڪا آهن) پڙهندي اِئين شدت سان محسوس ٿئي ٿو تہ زندگي ننڍين خسينس چيزن جو ميڙ ٿي اهم وستو (Object) بڻجي پوي ٿي. اِهو اهڙيءَ طرح ئي آهي جيئن ڪو مصور برش جي ننڍين ننڍين گهِڪن (Strokes) سان هڪ جمالياتي تصوير چٽي وٺي. جيڪڏهن اسين مصوّريءَ جو حظ ماڻڻ ٿا چاهيون تہ اسانُ اُنهن ننڍين گهِڪن کي درگذر نٿا ڪري سگهون. ٻيج تي پنڊ کي ماڻڻ لاءِ ريت جي ڪڻ ڪڻ جي ڇهاوَ جو رومانچ ضروري بڻجي پوندو آهي، لڪشمڻ جا غزل ماڻڻ لاءِ ذرڙن تي اک رکڻ ضروري بڻجي پوي ٿو. ذرڙا آفتاب بڻجڻ يا نہ بڻجن، روشني ڪڻن جو ماندڻ ضرور اکين آڏو رکن ٿا:

هن زماني سان جڏهن منهنجي لڙائي ٿي وئي،
سچ ٻڌايان، منهنجي مونسان ويجهڙائي ٿي وئي.

**مان ڪوي ٻئجي توهان سان هئن مخاطب ٿي سگهيس،**
**۽ زماني جي پچر ڪان واندڪائي ٿي وئي.**

اِئين پاڻ سان ويجهو ٿيڻ وڏي ڳالهه آهي، زماني جي غلاظتن کان بچڻ لاءِ اِهو اهم عمل آهي. بدزيبايون زياده آهن، جمال ڪٿي ڪٿي ئي اکين ۾ جهرمرائيندو آهي:

**دلڪش دنيا لاءِ بيشڪ بڻ**
**پرتون خود کي پيو ٿورو وڻ.**

**شايد سمجهه رکان سالم،**
**سڀ ڪجهه سمجهڻ تائين مان.**

**واقعي خوب هو سئو ماڻهو**
**پر نه پڇجو ته ڇا ٿيو هنجو.**

مٿي مون چيو آهي ته شاعري شرارتي ٻار آهي ۽ اسان کي خبر آهي ته ٻار جون ڏنگايون وٽنديون آهن، مرڪ ڏينديون آهن:

**مان جڏهن ڪاٿي چڪس ساريون سزائون،**
**ڪي نوان اِلزام تن کي ياد آيا.**

**پاڻ سان ملي آيو آ،**
**تڏهن ته اِئن گهبرايو آ.**

**پاڻ وساري ويو "لڇمڻ"،**
**شايد ڏاڍو تڪڙو هو.**

**ڳالهائي ٿو ۽ سو پڻ سچ،**
**سچ ۾ پاڳل آهي "لڇمڻ".**

زندگيءَ جي تلخ سچ کي هو جذهن سمجهڻ لڳا،
ٻارڙا ويچارا مشڪل "لڪشمڻ" پلجي ويا.

پر شاعر جي منهن مان جذهن جذبات بجاءِ جذباديت پريا اُدگار (Exclamation_ هاءِ آلا، اي ڪاش، اُف) يرڪي پون تہ "ڪراہہ"، "پيڙا" جو تاثر مذو تي پوي ٿو. "بندا، ڪيتو" جهڙا ڊارمڪ جهالر وارا لفظ بہ غزل جي سياءَ سان بي ميل آهن. ترڪٽي فرش تان هلڻ مجبوري تہ بلڪل ئي ڪونهي، ڪيترائي ميدان کُليا پيا آهن.

لڪشمڻ ڪذهن نج شاعريءَ جي چوغي مٿان گيڙو چولو بہ اوڍي ٿو وٺي ۽ واعظ جي انداز ۾ نصيحتن جو "پرساد" بہ ورهائي ٿو وٺي. پر "پرساد" تہ انگيڪار ڪرڻو ئي پوندو آهي، پلي ڊايبٽيز چوٽ تي هجي:

پل دنيا سان ياري رکا
دل ۾ پر بيزاري رکا

جي رشتا پختا چاهين
ممتا پوري ساري رکا

مٿين "صلاحن" جي چوڌاري فيلسوفيءَ جو پرت پريل آهي جيڪو دلڪش ضرور آهي.

لڪشمڻ جي غزلن جي وڏي حاصلات آهي سندن سادگي، گفتار جو انداز ڪن آپوادن (استثنيات) کي ڇڏي پختي، سهج (فطرتي) بندش، مشاهدي جي سچائي ۽ اُن سان نهڪندڙ پيشڪش (بلاغت)، اظهار ۾ جديديت جي ڇاٽ، چيرا ڏيندڙ طنزيہ درجي جي شعرن جي باوجود نوع ۾ ڪڙواهٽ (ڪوڙاڻ) جي غير موجودگي، لفظن جي پرپور آزادگي، پنهنجين عام معنائن کي پٺ ڏيڻ جي سگهہ رکندڙ ۽ نڪنيڪي لوازمات سان اعتماد پريو نباهہ.

هن مجموعي ۾ لڪشمڻ دوها ۽ بيت بہ ڏنا آهن. سنڌيءَ ۾ نئين سر اِنهن ڪلاسيڪل هيئتن کي جيئاريو (Revive) ويو آهي، سنڌ ۾ ڪافي وقت کان ۽ هند ۾ هاڻي هنن فارمن ۾ طبع آزمائي شروع ڪئي ويئي آهي: اِن حوالي ۾ لڪشمڻ ۽ ارجن حاسد جا بيت، دوها غور طلب آهن. دوهو پنهنجي جنم داتا

تلسيداس کان وٺي پڳتي ڪال جي لڳ ڀڳ سيني ڪوين جي اِظهار جو ذريعو رهيو هو خاص ڪري ڪبير جا دوها پنهنجي سهجتا، صاف گوئي، زندگيءَ جي عڪاسيءَ، مشاهدي، آتم چنتن وغيره جي ڪري ادبيت سان اوت پروت آهن.

البت، هاڻي هنديءَ جي ڳالهه ڪجي ته دوهن جي ڏُم لڳي پيئي آهي. پڙو/ پڙهيو اتم ته آڪاشواڻي (All India Radio) ۾ ڪم ڪندڙ ڪنهن ڪرمچاريءَ لک کان مٿي دوها لکي، گنيز بوڪ آف ورلڊ رڪارڊس ۾ پنهنجو نالو درج ڪرائڻ جي چڪر ۾ آهي. خير، لڪشمڻ جي دوهن جي ڳالهه ڪريون. هو گهٽ ۾ گهٽ اهڙي ڪنهن مهاڊوڙ (Marathon) ۾ شامل ڪونهي، هن پنهنجي پهرئين مجموعي "اٺ ئي پهر اُباڻڪو (1997)" ۾ به دوها ڏنا آهن. لڪشمڻ جا دوها توڙي بيت نئين ڪوتا جي نوعيت جا آهن ان ڪري هنن ڪلاسيڪل فارم جي مواد ۾ تازگي نظر اچي ٿي. هڪ سجاڳ شاعر ڪنهن به فارم ۾ لکي، هو پنهنجي وقار کان هيٺ نه لهندو ۽ ڪشمڻ به اِن حوالي ۾ پاڻ کي سالم رکيو آهي.

شروع ۾ مون شاعري نسبت گهڻو ڪجهه چيو آهي، شاعري هيءَ چيز آهي، شاعري هوءَ شيءِ آهي. هڪ اهم ڳالهه اڃا به باقي آهي، شاعري پاڻ کي ٽٽولڻ به آهي، پاڻ کي تلاشڻ، پاڻ کي ڪتڻ به آهي، پر اِنسان جي اندرين تنهن ۾ حرڪت ۾ رهندڙ ڪيميڪلن جون مساواتون اهڙو تڪڙو تڪڙو بدلجن ٿيون، جو اُنهن کي سمجهڻ ڪتڻ ڏکيو ٿي پوي ٿو. جڏهن ڪنهن چيز کي ڪو سمجهڻ چاهي، ڦولهڻ چاهي ۽ اُها چيز گوهيون ڏيندي رهي ته ناراضگي ٿيڻ فطرتي آهي. لڪشمڻ جا غزل، ان ڪري، خود سان ئي مهاڏو آهن.

**واسديو موهي**
16.09.08

# پنهنجي پاران

زندگي هڪ ڳوڙهو راز آهي. زندگي مڪمل طور سان plectabred Un آهي.
زندگي جي باري ۾ ڪا به اڳڪٿي ڪوڙ آهي ڪنهن به مشين کي رٿا موجب پروگرام ڪري سگهجي ٿو پر زندگي موجب ڪو به پروگرام ڪا به رٿا ناممڪن آهي زندگي کي پروگرام ڪري ئي نٿو سگهجي. ڇو جو زندگي ڪنهن مشين جي اپج يا پيدائش ڪونهي. سڀ مشينون سچي ٽيڪنالاجي زندگي جي اپج آهن. زندگي هڪ اهڙي غيبي شڪتيءَ جي پيدائش آهي . جنهن شڪتيءَ کي اڄ ڏينهن تائين ڪوئي به ڄاڻي نه سگهيو آهي: ان کي ڄاڻڻ ضروري به ڪونهي، ڇو جو انسان خود ان غيبي طاقت جو مجسمو آهي ، مڪمل مثال آهي.
زندگي جي ان غيبي راز کي ڄاڻڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. ساهتيه يا ادب پڻ ان ڪوشش جو هڪ قسم آهي. ادب زندگي کي ڄاڻڻ جي واقعي هڪ لطيف ڪوشش آهي. ليڪن اهو وسارڻو ناهي ته ادب زندگي کي ڄاڻڻ جي هڪ ڪوشش آهي، ڪا دستيابي يا حاصلات ناهي. ادب هڪ سبب ٿي سگهي ٿو پر زندگي بي سبب آهي. لفظ به اگر وجود يا تجربي مان نڪتل ناهي ته لفظ ناڪام آهي. اها سچائي پلجڻي ناهي ته لفظ احساس تائين پهچائيندڙ ذريعو آهي. پر لفظ ڪنهن صورت ۾ احساس نه آهي لفظ يا شبد اشارو آهي، tionica ind آهي .
اگر اسان شبد کي ئي پڪڙي ويهي رهياسين ته وڏي چڪ ڪئي. شبد يا لفظ کي ڇڏڻو آهي. شبد فقط سڏ آهي. آواز آهي. نزديڪ اچڻو آهي سڏ ٻڌي، ويجهو اچي ويهڻو آهي شبد جي معرفت، اپنشد ٽيڪو آهي (اپ يعني ويجهو ۽ نشد معنيٰ ويهڻ) ايئن ٽيڪ هڪ وڏو واقعو آهي. ويجهو ويهڻ ۽ چپ ٿي وڃڻ. ايئن ٽيڪ سان احساس جي عجب زمين ملي ٿي. جتي انيو ۽ وجود جي نور جا نرالا تجلا ٿين ٿا. هونئن به ڏٺو ويچي ته جو ڪجهه به لفظ ۾ آڻي سگهجي ٿو. اهو لفظ ۾ اچڻ شرط اڌ سچ يا ڪنهن اشاري ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. ڇو جو اهو لفظ آهي، احساس نه آهي. لفظ هڪ عمدو اشارو عمدي هدايت ٿي سگهي ٿو. پر لفظ لفظ آهي. لفظ احساس يا انيؤ هر گز نه آهي. لفظ جي اشاري، لفظ جي رهبريءَ سان اسين انيؤ يا احساس تائين پهچي سگهون ٿا – ان کان پوءِ لفظ جو مقصد پورو ٿي وڃي ٿو. نديءَ جي هن پر پهچڻ کانپوءِ جيئن ناؤ کي ڇڏي ڏيڻ ضروري آهي، ناؤ

خيال جي گهرائي، اظهار جي نفاست لڪشمڻ ۾ بي انتها نظر اچي ٿي، جنهن ۾ تمام هلڪي انداز ۾ ڪنهن معمولي ڳالهه مان اعليٰ مقصد ۽ معنيٰ نڪري اچي ٿي، ان ادائگي سبب پڙهندڙ شعر جي بيڪران بحر ۾ ٽٻيون ڏيندي پاڻ به وساري ٿو ويهي،

چند مشڪرجي بيڪران بحد ۾ ٽٻيون ڏيندي پاڻ به وساري ٿو ويهي،

ڪجهه مثال:

اڏري وئي آڪاش ۾، وڻ تي ويٺل ڪونج.
لامن ۾ رهجي وئي، هن جي جهيڻي گونج.

رانديڪن سان ڪيڏي ڪيڏي پيار سمجهي پيو،
حسرت سان ڪيئن ڏسن پار کي پيا رانديڪا.

ياد تنهنجي ۾ هجان ۽ پير ٽاڻڙجي وڃي،
ڪو ته ٽاڻو زندگيءَ ۾ روشني ٻڻجي وڃي.

گهڙايا سون تي گهر ۾ رکيائين مٽي ۾ آسيس جو هٿ،
اسانجي اڱڻ ۾ پيپرسو پراڻو اڃان ياد آهي.

ايندا ته روز آهيون اسان وٽ، خبر اٿم،
هڪ پيرو خود کي ڪاش اوهان من وٺي اچو.

پراڻ روپيون ڪونجڙيون آڪاش ۾ اڏري ويون،
ڪوڪ تن جي تار جي پن پن تي پر رهجي وئي.

اڄ منهنجي پاڇي پڻ مونکي صاف چيو
مان توسان گڏ هلندس، مگر اجالن ۾

مونکي يقين آهي ته هي سدا حيات سڻون صدين تائين پنهنجو معيار مڃائيندڀون رهنديون.

**مير محمد پيرزادو**

# غزل

شعر چئي مون صرف اهو ئي ڄاتو آهي،
ڄڻ ديپڪ جو هاءِ جلڻ سان ناتو آهي،
شعر چوڻ جو ڏانءُ مفت ۾ ڪونہ مليو،
ڪنهن ويچاري سڀ سرمايو لاتو آ.

نظرون فقط اوهان جون، باقي اسان جو سڀ،
بس پياس آ اسان جي ساقي، اوهان جو سڀ،

خيال منهنجا حسرتن جي چار ۾ ڦاسي ويا،
ڪنهن شڪاريءَ جا ڇڻ ته لايا سڀ ايا ٿي ويا.

دوست ٿاهڻ جي عجب ديوانگي دل ۾ هئي،
ڪي هٿن مان، معتبر دشمن مگر ڪسڪي ويا.

ٻرڙندڙ هڪ پيڙ انڌن جي اڳيان ايندي ڏسي،
جي نظر وارا هئا هڪڙي ڪناري ٿي ويا.

ڪجهه ڪڇڻ ممڪن نه هوءِ چپ رهڻ دشوار هو،
مون ڏٺو مجبور ماڻهو زهر جا ڍڪ پي ويا.

اڱ جيئڻ جا ملهه هئا، ماڻهو هئا، فرصت هئي،
هي جيئڻ ڪهڙو آ يارو! جي ويا سي جي ويا.

زندگي جي تلخ سچ ڪي هو جڏهن سمجهڻ لڳا،
ٻارڙا ويچارا مشڪل لڪشمڻ پلجي ويا.

ٻهر پوکي اگر تون خار پائين ٿو ڇڙين ڇو ٿو؟
ڏنو جو تو! اهو ئي يار! پائين ٿو ڇڙين ڇو ٿو؟

ڪري نيلام غيرت کي، وڃائي آبرو پنهنجي،
اندر مان اگر ڪا ڦتڪار پائين ٿو ڇڙين ڇو ٿو؟

ڇڏي احساس جا منڙا سهانا پيچرا پيارا،
سندي جيوت اگر بيزار پائين ٿو ڇڙين ڇو ٿو؟

منافعو ئي منافعو هر جڳهه تي دوست! تو ڳولهيو
اگڻ ۾ ئي سندي بازار پائين ٿو ڇڙين ڇو ٿو؟

ادب اخلاص جو مفهوم تو ڳولڻ نہ چاهيو آ،
پوءِ رشتن ۾ اگر ديوار پائين ٿو ڇڙين ڇو ٿو؟

ٻڌايا درد دنيا ۾ ڪيئي منصور ۽ گوتم،
جگر ۾ تون سندي جي ڏار پائين ٿو ڇڙين ڇو ٿو؟

اسان کي هت هميشه لئہ تہ لڇمڻ ڪونہ رهڻو آ،
هلڻ جا ڪي اگر آثار پائين ٿو ڇڙين ڇو ٿو؟

هن زماني سان جڏهن منهنجي لڙائي ٿي وئي،
سچ ٻڌايان منهنجي مون سان ويجهڙائي ٿي وئي.

شل سچڻ سمجهي سگهي منهنجون بہ ڪي مجبوريون،
مون بہ چاهي ڪانہ هئي پر بيوفائي ٿي وئي.

ڏينهن جو ڏهڪاءُ ڏاڍو گوڙ ۽ ڪارا ڪڪر،
خوب اونده جي دلالن جي ڪمائي ٿي وئي.

هن اداسي جي اڱڻ ۾ هئن اچي تنهنجو لهڻ،
چڻ تہ ڪاري رات ۾ ڪا روشنائي ٿي وئي.

عيب منهنجا تو ٻڌايا يارا تنهنجو شڪر آ،
ڏس ، بنا صابڻ .— ڌلائيءَ جي صفائي ٿي وئي.

اڳ زماني ۾ ڪتي هئي ڏاڪ ايڏي ڪوڙ جي،
سچ چئي پوءِ چو لڳو جڻ پيل تہ ڪائي ٿي وئي.

مان ڪوي بنجي توهان سان هئن مخاطب ٿي سگهيس،
۽ زماني جي پڇر ڪان واندڪائي ٿي وئي.

مٿڙر مستين پريو ميلو مچائي مان هليو ويندس،
حڪومت حسن — اي هستي هلائي مان هليو ويندس.

زماني جي هوائن ۾ ڪڏهن لڙجي ڪڏهن ڪٽجي،
مٿيءَ ۾ ميرڙو دامن ملائي مان هليو ويندس.

ڪٽي ڪو قرض آيو هان، هتي جڙ ڪن پٺاڻن جو،
وهي تان عمر ٻانهو ٿي چڪائي مان هليو ويندس.

مقابل ظلم جي خاموش ڪٿ رهندس ڪوي آهيان،
اوهان جي مرهم کي ڪا آڳ لائي مان هليو ويندس.

جهان ۾ سڀ، ڏکي آهن، هجان پوءِ مان سکي ڇا لئہ،
اپٽن ئي ماٺ ۾ من کي مچائي مان هليو ويندس.

هتي جو ڪجهہ بہ ٿيو آهي، ڏسي تپرس ۾ پيو آهيان،
اتي بيهندس مخالف ٿي الائي مان هليو ويندس.

متان ڪا راهہ ڏوراهين پوي پلجي مسافر ڪن
انڌيري راهہ ۾ ديپڪ جلائي مان هليو ويندس.

✠

خواب اکين ۾ ۽ پيرن ۾ ڇالا هوندا.
رُلندا – پنندا ئي هر دم متوالا هوندا.

ڪاغذ تي خون اسان پوکينداسون پيا،
جي ايئن سوچ تي پهرا ڄيپ تي تالا هوند.

سڀ ڪجهه ڄاڻي پڻ جيڪي اڻ ڄاڻ ويا ٿي،
اهڙا ڪي ورلي ئي لوڪ نرالا هوندا.

ڪنهن بکئي ڏي اڇلائي روٽي جا ٽڪرا،
منهنجي ليکي هنن هنيا ڄڻ ڀالا هوندا.

جن جي ڏسندي تنهنجي گهر ڪي ڪاٺ لڳو آ،
يارا اهي ئي هن گهر جا رکوالا هوندا.

جيڪي رهجي ويا تنها ۽ ڏاريا آهن،
سي ماڻهو ويچارا، ڀولا ڀالا هوندا.

ڀيو تہ پلا ڇا هوندو لڇمڻ جي شعرن ۾،
لڙڪ، اداسي، غم جا چند حوالا هوندا.

✠

اميدن جي حسابن سان ٽيڻ لازم ٿيو هوندو
مرڻ جي لاءِ هر ڪنهن ڪي جئڻ لازم ٿيو هوندو.

اداسيءَ جي جڏهن ڪنهن ڪي دوا حاصل نہ ٿي هوندي،
وهائي درد جا ڳوڙها پيئڻ لازم ٿيو هوندو.

سنيالڻ ڪانہ آئي هي مليا سوغات جا مون کي،
ڪڏي سڀ ڪجهہ سزا وانگر ڏيڻ لازم ٿيو هوندو.

*گنهہ جو راج سيمائون ويو هوندو لتاڙي سڀ،
صبح ۽ شام ظالم جو پيئڻ لازم ٿيو هوندو.

لڳڻ دل دائما هتڙي نہ ممڪن هو خبر هوندس،
تڏهن هن کي هتان هتڙي نئڻ لازم ٿيو هوندو.

✠

ڪير ويٺو آ سندي ٿي آسري،
ياد جي ڪڙڪي هميشہ بند ڪري.

شهر چارو ٿو ڏئي انسان کي،
جانور جيان آدمي پيو ٿو چري.

آس جي ٿي آحوالي زندگي،
آس جو ڏيئڙو سدائين پيو ٻري.

ڪيئن سري سين جي، ڇا خبر،
هڪ گهڙي پڻ ڇو بنا تنهنجي سري.

دانهن — رڙ ڪوئي ٻڌي جاڳي متان،
آس آهي ڪو تہ شايد ڪجهہ ڪري.

هل وٺي هل، ميت! منهنجو هٿ جهلي،
هن زماني کان پري، ڏاڍو پري.

جيڪو قائم ڪين آ ايمان تي،
’لڪشمڻ‘ جيان ڇو نہ ڳٽتين ۾ ڳري.

شعر ڇڻي مون صرف اهو ئي ڄاتو آ،
ڄڻ ديپڪ جو هاءِ جلڻ سان ناتو آ.

جسم شبد جي معنيٰ ڳوليندي ڇيريو
خاموشيءَ جو وياڪل لمحو پاتو آ.

هاءِ ، وڇوڙي وارن جي ڇا ڳلھ ڪجي،
جن هڪڙو ئي سر محبت جو ڳاتو آ.

مار ٽڦون ڇڙٻون ۽ دڙڪا ڪائي پڻ،
جيجل وٽ ٻار اڇڻ لئہ ڏس، آتو آ.

هڪڙو پل پڻ ڇو ڏيندي ڏائڻ سک جو
خواهش – خواهش ڄڻ ڪوئي پاراتو آ.

شعر چوڻ جو ڏانءُ مفت ۾ ڪونہ مليو
ڪنهن ويچاري سڀ سرمايو لاتو آ.

هن ڪي، گھرجن اجرا ۽ سٽيا ماڻھو
لڇمڻ جو ئي عيبن هاڻو ڪاتو آ.

✠

پائي وڳو شرير جو آيو پکيئڙو
پورو سفر ٿيو تہ اڏاڻو پکيئڙو.

جنهن ملڪ جا تہ وڻ ٿي سڪي ۽ سڙي ويا،
مجبور عشق آهہ اتان جو پکيئڙو.

گهر ٻار هيڪلا ايئن هو صبح جو چڙي،
چاهيندو ڪين پوءِ بہ وڃي ٿو پکيئڙو.

جنهن تي ديا ڪري ڪيو آزاد بند مان،
پڃري ۾ پاڻ سو وينو آ پکيئڙو.

داڻا پکيڙي وينو صيّاد ڪنڊ ۾،
آيو چڙي اڏامر اياڻو پکيئڙو.

جنهن جاءِ چيخ ڪنهنجي ڪائي هئي دفن،
تنهن جاءِ رات ير لنويو هو پکيئڙو.

✠

تنهنجي دل ۾ راز هئا،
منهنجا پڻ انداز هئا.

جڳ ۾ جوڀن وارن جا،
ڇا ته نرالا ناز هئا.

ريجهائيندڙ رقص مٿر،
ساڻ سريلا ساز هئا.

ڪڏهن ڪڏهن جي ٻڌا اٿم،
اندر جا آواز . هئا.

دل ڏاريندڙ هئي انتها،
ڪر پڇيندڙ آغاز هئا.

هر ڳل هو سهڻو سهڻو،
ماڻهو سڀ ممتاز هئا.

يا تہ لکان توري ۾ تورو
يا تہ ڇڏي ڏيان ڪاغذ ڪورو.

ترت اچي سو ڏينهن سدورو
جيئن وٽي هي سور سدورو.

تنهنجي سڪ تنهنجي سارن سان،
سرچي ويئو ساهہ سڳورو.

ڇگڙو- پلڙو انسان هيو
ڇا ڪوَن بڻجي ويو ڪامورو.

صبر رکان ٿو ساهہ سمائي،
پر ليئو پائي ٿو جهورو.

هن ايڏا ئي اهنج ڏنا، ڏس
جيڏو آهي پلڙو- پورو.

شڪ، ناراض هئڻ، ڪاوڙ
هي سڀ اٿئي نينهن. نسورو.

✠

منهنجي گهر جي ديوارن تي تنها تنها،
وار پکيڙي ڏس تہ اداسي ڪيئن ويٺي آ.

هن کي ڏسو پاڳل ٻڍي کي ڊوڙي تو
ماٺهو کي چڻ ڏنگي ويئي آ نانگڻ آشا.

رانديڪن سان کيڏي۔ کيڏي ٻار سمهي پيو
۽ ٻار کي حسرت ساڻ ڏسن ٿا رانديڪا.

ايڏو چو محتاج ڪيو تو مالڪ! مون کي،
ريءَ چوڳي منهنجي در تان پکي اڏاڻا.

منهنجو اندر اٻالڪا کان آجو ٿئي شل،
ماري وجهندي هاڻ اها ئي هڪ اٻلاڪا.

✠

غير هوندي پڻ مون کي پنهنجو لڳين،
شل هميشہ دوست ٺاهوڪو لڳين.

پاڻ کي منهنجي نگاهن سان تون ڏس،
تي سگهي ٿو معتبر سهڻو لڳين.

واسنا جي آڳ ۾ جيئري جلي،
ڇا ٻڏايانءِ هاءِ تون کهڙو لڳين.

تو ڏني مون کي تہ آ نفرت سدا،
پوءِ بہ پيارو ڀلا ڇو ٿو لڳين؟

ڀل غريبي سادگي هر دم هجي،
آدمي پر پوءِ بہ، آسودو ٿو لڳين.

هن زماني ۾ رهي پڻ لڪشمڻ،
شل زماني کان جدا، پيارو لڳين!

دلڪش دنيا لئہ بيشڪ بڻ،
پر توڻ خود کي ٻيي ٽورو وڻ.

ڏس مايوسي ۾ سمهنديں ٿي،
جل ٻڻجي ويو آهي درپڻ.

ڪنهن نہ قبوليس ڪوٺو سڪو،
ڏيئي ويو مندر ۾ ارپڻ.

ماٺهو ڏس، ويچارو ماٺهو،
خوش ٿي پالي خواهش جو ڏڻ.

ڄاڻي ويا اٿس اصلي چهرو،
ڏسجاڻ هن جو هاڻ بدلجڻ.

گم ٿي ويا سڀ ويڻي- ويڻي،
ڄاڻو ٿي ڪو نہ هو ڪوئي چڻ.

منزل جي نزديڪ اچڻ سان،
ڏاڍو ممڪن آ ٿاٻڙجڻ.

ڪنهن بہ سبب ڪين اچيٰ ٿو هو،
تون ٿي پيبر بہ ٿي هن ڏي ڪڻ.

✠

هڪ امر اتهاس جي اعليٰ زبان پلجي وڃن،
سنڌ وارا هاڻ سنڌيءَ کي متان پلجي وڃن.

حال پنهنجي تنگدستي جو هنن سان ڪونہ ڪج،
بارڙا هي مسڪرائڻ پڻ متان پلجي وڃن.

تون هنن جي حوصلي جي ايترو آڏو نہ اچ،
عمر ڀر لئہ چنڊ ، تارا، آسمان پلجي وڃن.

شل نہ ويچارن تي روٽيءَ جو اثر ايڏو پوي،
جو ڇٽيل تنهنجا گهر۔ بابو ، امان نہ پلجي وڃن.

ايئن نہ ٿئي جو ذهن ۾ پالن خزائن جي چين،
هيڏا سرها ، سونهن وارا گلستان پلجي وڃن.

دل ۾ دائم درد جو هڪ سوجهرو روشن رهي،
عشرتن جون ظلمتون هو شوق سان پلجي وڃن.

ياد تنهنجيءَ ۾ هجان ۽ پير ٿاٻڙجي وڃي،
ڪو ته ٿابو زندگي ۾ روشني بنجي وڃي.

وچ، وڃي هن ڪي دلاسو ڏي اڏاري آس جو
ٿي سگهي ٿو ان بهاني ڪجهه ڏهاڙا جي وڃي.

جنهن محبت جو مزو چاهيو اٿن ماٺيو اٿن،
ظالمن ڪي آ فڪر جاهل متان سڌري وڃي.

واندڪائي ۽ اُداسي ياڳ وارن ڪي ملي،
درد ٻٽجي دوار تنهنجو ڪاش ايئن پڻ ٿي وڃي.

اڄ ڪٿي ڪو آهي شنڪر جو اسان جو وڪ پئي،
اڄ مناسب آ هرڪو زهر پنهنجو پي وڃي.

جي هجي ها ڪليل شبدن جو غزل، جوڙي ڇڏيون،
ڳالهه دل جي آ چوٽي، ساهه ٿو نڪري وڃي.

✠

تنهنجي هوندي گهر لڳندو آ،
ورنہ هن ۾ ڏر لڳندو آ.

جيڪو مُنهن تي چئي ڏي سڀ،
موون کي سو ئي نر لڳندو آ.

ڇا جو ماڻهو؟ اڄ جو ماڻهو
حيوانيت جو ڦر لڳندو آ.

حالت پنهنجي سوچي سوچي،
دِل تي ڄڻ پٿر لڳندو آ.

هر پل سيني کي چيريندڙ
ڄڻ تہ گرم خنجر لڳندو آ.

ننگي بُت تي چرندڙ پرندڙ
ڪرڙيءَ جو منظر لڳندو آ.

✠

وڏ ڪٿي پڻ ڪانہ آهي، پاڻ سان پرچي ڏسو،
سڀ صحيح ٿيندو رهيو آ بس، ذرا ترسي ڏسو.

خودڪشيءَ ڪي روز قسطن ۾ جيئڻ آ زندگي،
جي يقين چاهيو تہ اڄ جي حالتن ۾ جي ڏسو.

شاعريءَ جو لطف ڪي ڪي شخص پائي سگهيا،
هڪ دفعو احساس جي هن تازگي کي پي ڏسو.

عشق آ اڻڄاڻ ۽ اوندھ عالم جو سفر،
يا ڪيو ويساھ مون تي يا پاڻ ترڪي ڏسو.

منزلن جو حوصلو همت حرارت نيڪ آ،
واٽ ڪھڙي تي وڌي آ اها گاڏي ڏسو.

ڇو پيلا اولاد ٿي آهي مٿايو ماءُ کي،
ڇا ٻڻيءَ آ اسان جي دوستو! ڌرتي ڏسو.

✠

پهرين پريت بيان ڪرڻي آ، دير ته لڳڻي آ،
نون پرڙن ۾ سگهه پيرڻي آ، دير ته لڳڻي آ.

آس ملڻ جي توسان سجڻ شل نه وسامي ايئن،
ميڻ مثل پل پل ٻرڻي آ، دير ته لڳڻي آ.

جسم ڪٿي هئي منزل منهجي، دل جي ڳالهه هئي،
لمبي دوري طئه ڪرڻي آ، دير ته لڳڻي آ.

نااميديءَ جي اونده ۾ شايد راهه سجهي،
آس ڪٿي ڪنهنجي مرڻي آ، دير ته لڳڻي آ.

دل جو درد غزل ۾ اوتڻ سولي ڳالهه ڪٿي،
برف هماليه جي ڳرڻي آ، دير ته لڳڻي آ.

✠

(هندي شاعر "هستي" کان متأثر)

خود ساڻ ملي آيو آ،
تڏهين اينءَ گهپرايو آ.

ويساهه ڪري،هر ڪنهن تي،
چو. ايڏو پڇتايو آ.

ل ور ور، ڪسٽي ڪسٽي،
راڳ برهه جو ڳايو آ.

هر ڪنهن کي حاصل ٿو ٿئي،
درد ٗ وڏو سرمايو آ.

هن خواهش جي ڪاريهر،
ڪيڏن کي ڪيرايو آ.

ڪنهن جي ڏڙ تي ڏس پيلا،
ڪنهن جو سيس لڳايو آ.

پل- پرجو هو قرض، مگر،
جيون پر موٽايو آ.

✠

گڏ هجين تون اگر چو لڪان، ڇا لڪان،
دور آهين تہ مان ڇو نہ ڪوتا لڪان.

عمر ڀر خط لکڻ لاءِ سڪندو رهيس،
آس هي، جي لکان، حال چڱڙا لکان.

ڪاچ جي فريم ۾ بند مڇيون ڏسو
بيوسيءَ جا نظارا بہ ڪهڙا لکان.

حالتون هي اچوڪيون الا، ويل آ،
دل چوي ٿي پراڻا ڪي قصا لکان.

ڪيستائين پلا هت خوشي ڳولهجي،
درد ۾ بيخودي جا ڏئم سا لکان.

هر گهڙي سونهن پنهنجي ٺماري سگهين،
شبد اهڙا لکان جڙ تہ شيشا لکان.

✠

مرضي هلي نہ ڪائي ڪيڏي نہ بيوسي آ،
خواهش جي واٽ مون کان هر ڪا خوشي کسي آ.

آهي هلڻ وٽيو جي ٽڪجڻ ۾ آ مزو پڻ،
ويچارگي بٽي جا منزل تي ڏس رسي آ.

ڪيڏو بہ پيا پڪاريو ڪوئي بہ ڪين ٻڌندو
بي شرم اپ لڳو جڻ انڌن جي آرسي آ.

آهڙي تضاد مان ئي غم آشڪار ٿيندو
کمرن چپن تي ويٺي مسڪان ڏس لسي آ.

زنده رهيس درن تي دستڪ ڏئي ڏئي مان،
خوددار ٿي سگهان ها، قسمت ئي ڪا ڪسي آ.

ڪائي بہ جلدي ڪانهي، ڪٿ ٻي نہ پهچڻو آ،
دلڪش سفر آ ڪيڏو گهر ڏانهن واپسي آ.

✠

ڪجھ ٻڌائڻ پڻ مصيبت آ وڏي،
۽ لڪائڻ پڻ مصيبت آ وڏي

آدمي خود کي خدا وينو سڏي،
سر جهڪائڻ پڻ مصيبت آ وڏي

جو مليو ڳوڙها رڳو ڏيندو ويو،
مسڪرائڻ پڻ مصيبت آ وڏي

پو رڳو رسوائيون، تنهائيون،
دل لڳائڻ پڻ مصيبت آ وڏي

شل هجي اونهون عقيدت جو اثر،
آزمائڻ پڻ مصيبت آ وڏي

باڻ رومن ۾ لڪي پيا سر ڪڍن،
جڙ تہ ڳائڻ پڻ مصيبت آ وڏي

هر طرح جي هاڻ دل کي غير پرواهي کپي.
ياد تنهنجيءَ جي فقط مون کي شهنشاهي کپي.

راهہ اهڙي تي هلڻ جي چاهنا پالي اٿم،
ڪا اڪيلائي کپي ۽ ڪا نہ همراهي، کپي.

واهہ تون بيواهہ جي آهين نڌڻڪن جو ڌڻي،
تنهن ڪري اڄ ڪو وسيلو يا نہ ڪو واهي کپي.

شاعري آهي اها جا سوچ ۾ آڻي ڇڏي،
داد جي چا لئہ طلب، ڇا لاءِ واهہ واهہ کپي.

اڄ وري هڪ شعر آکڻ جو ارادو آ بڻيو
درد جو ڪاڳر کپي ۽ خون جي سياهي کپي.

✠

قسم سونهن جو هت عجب دلڪشي آ،
ڪٿي ڪجهہ برو يا ڪا بد صورتي آ.

نظر تي منحصر اٿئي سڀ، جهان ۾،
نظر جي، حوالي سڄي زندگي آ.

ڪو همنام ماڻهو ڪري پيو خطائون،
حيا ۾ نظر يارا منهنجي ٻڏي آ.

لڄائي نگاهون جهڪائڻ سندس ايئن،
هوا ۾ اڏاڻي ڪا چڻ اڳڪٿي آ.

اميدن هال ڪهڙو ڪيو اٿس،
تڏهن پڻ لڳي ٿو آسائتي آ.

هجي ها جي ممڪن لڳائڻ ڪٿي دل،
تہ مئڪشي چو ۽ چو شاعري آ.

ڏسو هڪ غزل جو تڙپيو آ وري گل،
۽ چوڏاري بس تازگي تازگي آ.

جيئندس پتڪڻ تائين مان،
تو وٽ پهچڻ تائين مان.

خود کي ڳوليندو رهندس،
توتي سوچڻ تائين مان.

شايد سمجهه رکان سالم،
سن ڪجهه سمجهڻ تائين مان.

وئرٽ آ سک جي ڳولا،
آهيان تڙپڻ تائين مان.

هوند هجان هڪ ڦوڪ فقط،
ڦٽڪي ڦاٽڻ تائين مان.

اهڙي ڪا ذات ڏجاڻ نون،
ملڪان منجڻ تائين مان.

ڳالهه ٻڌڻ تنهجي وس آ،
آهيان آکڻ تائبن مان.

✠

جنهن چوڏس جو چنڊ گهريو آ،
ڪٿ پرچندو آڪاڻيءَ سان!

هڪ هڪ ڪپڙو لهرايائين،
پوءِ ڏنو پردو واڻيءَ سان!

اڄ اسان جي ان حد جي آ،
لهندي ڪين ڪڏهن پاڻيءَ سان!

مرد ملنگن جي دنيا ۾،
شل ناتو نيجي نياڻيءَ سان.

او عاقل، شهري شهزادا!
پيچ نہ پائج ڳوٺاڻيءَ سان!

گهرڻ سان چيز ڪائي پڻ ڪٿي منٿار ڏيندو آ،
اگر مرضي سندس هوندي الاهي پيار ڏيندو آ.

نوازي ٿو اسان کي لڄ – حيا جي سونهن سان بيشڪ،
ڍڪڻ لئه تن، لٽو ليڪن ڪٿي ڏاتار ڏيندو آ!

حقيقت جي مٿيءَ سان واسطو جوڙي رکڻ خاطر،
اسان جو مهربان خالق، غمن جا بار ڏيندو آ!

نہ حاصل جو ٿيو آهي سندس ڪنهن ياد جو جذبو،
اسان کي خواهشن جو طلسمي سنسار ڏيندو آ.

خدا جي هن روايت کان ڪڏهن ٿيندي بندا ! واقف،
ڪندو آ خاڪ پهرين پوءِ گل وگلزار ڏيندو آ.

جدائيءَ شاعريءَ جو مرڪزي واحد سبب آهي،
اگر غم آ دل ۾ زور جو اظهار ڏيندو آ!

اڙي پاڳل! ذرا سمجهڻ جي ڪر تون سونهن وارن کي،
ڪشش جي واسطي ماڻا، شرم انڪار ڏيندو آ!

✠

زخم سمورا ورنہ ڇاڪوءِ آيا هوندا،
ايئن لڳي ٿو، تو پڻ يار ٻڌايا هوندا!!

گل سان چنبڙيل هڪ پوپٽ کي ڏار ڪري ڏس،
اي آنڌيءَ! تو وڻ ڪيڏا ڪيرايا هوندا!!

مون هڪڙو ئي ڪين اکر ورجايو ڪونهي،
هو پنهنجي ڪيتي تي شرمايا هوندا!!

مان پنهنجي ئي گهر ۾ حاضر ڪونہ رهيو هان،
قاصد يا تہ پيغام ڪيئي آيا هوندا!!

پنهنجي ئي ڪنهن غم جا ڳوڙها هئس اکين ۾،
مون کي لڳو هن منهنجي لاءِ وهايا هوندا!!

ٽڪرا ٽڪرا مون کي ڪري جاچيو هونداڻون،
پوءِ ٻڌيا منهنجي باري ۾ رايا هوندا!!

ورنہ ايڏا ئي ساٿا، لاچار لڳن ٿا،
پڪ ساڻ هنن پنهنجا فرض نڀايا هوندا!!

هر ڪا ديد وساڻي آهي،
گهر ۾ ڄائي نياڻي آهي.

سک، سنتوش اُتس ڇهري تي،
ڪا تصوير پراڻي آهي!

جوت ڏکن جي ٻرندي رهندي،
اکين ۾ اڃا پاڻي آهي!

ڏس شبدن جا ٻَهڻا پائي،
ويٺي ڪوتا راڻي آهي!

يادون، ڳوڙها، درد، وڇوڙا،
هر ڪنهن جي آڪاڻي آهي!

ڇڻ تہ اسان جي جيوت لڇمڻ،
سورن جي سمجهاڻي آهي.

✠

رات ٽيندي ٿي ستارا جڳمڳايا،
جڙ ڏسائن درد جا ديپڪ جلايا.

مان جڏهن ڪاٿي چڪي ساريون سزائون
ڪي نوان الزام تن ڪي ياد آيا!

جي پڇو ٿا ڪو سبب مان ڇا ٻڌايانءِ،
بس ايئن ئي لڙڪ اکڙين ٿي وهايا!

ڪا اداسي يا غصو يا چڙ هئي ڪا،
جنهن لڳي ٿو ايترا شاعر بڻايا!

شل ڏسان گهمندي ڪنهن ياد ڪي مان،
مون جتي ها شبد ڪوِتا جا وڇايا.

✠

بنا اظهار جذبي جي اِمالڪ ٿئي ٿري ويندس،
ڪسي ڏس تون قلم مون کان ،ڏس پاڻهين مري ويندس،

سهارو سار تنهنجيءَ جو نہ جي حاصل ٿيو مون کي،
اجاين عادتن ۾ يار ڳٽتين ۾ ڳري ويندس.

ڪٽي دوزخ هجي چاهي، مگر جيسين ڏنو ناهي،
ڪري ڏس تون منع مون کي مگر مانِ ات وري ويندس.

ٻڌي رک تون محبت جي ڪچي ڏاڳي جي ٻنڌڻن ۾،
جدا توکان اگر ٿيندس، اصل بگڙي ڪري ويندس.

سوا مون کان اگر ڪو ٻيو بہ توکي پيار سان ڏسندو
نہ پڇجانءِ ڪيئن حسد جي آگ ۾ پچري، ٻري ويندس.

✠

چو پوي دل تي دغائن جو اثر،
جي هجي دل تي مائن جو اثر!

خواهشون آيرن نہ مان موجود هوس،
ايئن بہ ٿيندو آدعائن جو اثر!

زندگي آ آرزن جو وڻ ڪوئي،
چانو- اس آهي اڇائن جو اثر.

هڪ لڪل قوت بڻي بيدار آ،
چا بڌايان آ پدائن جو اثر.

لہ ’شمڻ جي شعر ۾ شامل ٿئي،
شل ستايلن جي صدائن جو اثر!

✠

آپسي رشتا الا، ڪيڏو هنر آ، ڇا ڪجي؟
هن طرف جهنگل هتي منهنجو گهر آ، ڇا ڪجي؟

رات جي اوندهه رستن کي ڳسي وئبو مگر،
راهه ۾ هو جڳمڳائيندڙ شهر آ، ڇا ڪجي؟

دشمنيءَ جي خوف بيداري ڏئي آ ڇڏي،
دوستن جو دل ۾ گهرو خوف آ — ڏر آ، ڇا ڪجي؟

ها سڪندر ڪيترا خالي هٿين موٽي ويا،
زندگي ناڪام حسرت جو سفر آ، ڇا ڪجي؟

آئون عاشق سونهن جو شبنم جو ۽ سرهاڻ جو
پر نه منهنجي ملڪ ۾ هڪ پڻ شجر آ، ڇا ڪجي؟

✠

گھاوَ گھرا ھاءِ يارن جي سبب،
درد دانھون عشق وارن جي سبب.

آدمي ڪمزور ڪيڏو ٿي ويو!
چرڻ ٿنپن ٽوٽين سھارن جي سبب.

چو پلا منھن مھڪ ڪان موڙي ڇڏيئہ،
بس گلن جي چند خارن جي سبب.

جيڪڏھن حاصل ٿيون آھن خوشيون،
ياد رکجو بيقرارن جي سبب.

ٿي ويو آھي پري گھر ڪان گھڻو
دور جي دلڪش نظارن جي سبب.

ھاءِ منھنجو ملڪ ٿيو مسڪين آھي،
ڪنھن گنھگارن ھچارن جي سبب.

ٿو نھاري لڪشمڻ موڳو بڻي،
سونھن ڏي ڪنھن اعتبارن جي سبب.

✠

جي هجين موجود مون وٽ ڇا چوان،
دور جي توکان هجان ڪوتا ڇا چوان!

ننڊ ۾ تنهنجي پوي جيڪر خلل،
ڇو نہ توکي ڳالهہ اهڙي ڪا چوان!

جي حقيقت ۾ مان نہ پڙهي سگهيس،
شاعري ۾ سي سيئي اڏما چوان!

غم، داسي، خاموشي، تنهائيون،
مان اکر ۾ سندس ٿي نقطا چوان!

شل وساري گيان جو گهرائيون،
بالڪن جا ٻؤل ۾ چرچا چوان!

تون پڇيو آهي تہ آهيان ڪير مان،
يار! تون ٿي ڇئو پلا مان ڇا چوان!

جي لکائڻ لنگهہ تنهنجو لڪشمڻ،
سي سنيها ۾ سخن سؤکا چوان!

✠

ڏکيو ٿيندو جيئڻ ڪنهن جو اگر ڪجهہ پيي چوان ٿو مان،
خبر هوندي چرين وانگر ڪندو بڙ بڙ رهان ٿو مان.

حقيقت آهي تہ آهيان مان سڪل پن وڻ سندو ليڪن،
اگر چاهيان تہ آنڌيءَ جي چڙهي سر تي گهمان ٿو مان.

عجب ڪي راز جيون جا سليندي شاعري منهنجي،
ذرا هن سان تون فرصت ۾ ملي ڏسجانءِ هلان ٿو مان.

الا هستي اسان جي جڙ تہ برفيلو هماليہ آهي،
اڪين مان وقت جي ٿي درد جي گنگا وهان ٿو مان.

جتان ڪا مون بنسبت خبر ڪنهن ڪي ڪانہ ملٽي آ،
گناهن جي هجومن سان الا رلندو رهان ٿو مان.

بڌائي ڪو ايئن چو آ، ايئن آ تہ چا ٿيندو،
اهو سوچي ڪري ٿڪجي ۽ ٽنجي پوان ٿو مان.

شخص کي ورلي ٻڌا آهن عميقن ۾ الا،
آ ترڻ سؤلو ٻڌڻ جي لاءِ کپن ٿا حوصلا.

ڪو مندر جي شور ۾ ويهي ڪندو آ لتجا،
ڪو وري ويٺو وٺي دلڪش خوشيءَ جا مزا.

ڏس گلابي گل ٽڙيو آهي وري هڪ شاخ تي،
ڪنهن چيو توکي پلا! آهي اسان کان هو خفا؟

ڏوستن مون کان پڇيو آهي تہ خوش آهين نہ تون،
مان منجهيو آهيان تہ آخر سچ چوان ڪهڙو پلا !

شڪل پنهنجي ٿي در پڻ ۾ ڏسي پريشان ٿي ويس،
شڪر آ اي خدا! تنهنجي نظر مون ڏي نہ آ.

مان ڏسڻ ۾ جو اچان ٿو سو پلا آهيان ڪٿي،
ڪوڙ آهيان مان ۽ منهنجا مرڪ سان هي واسطا.

موت شايد ڪري پلو هن جو،
نانگ ڇو ٻڙ آ، آسرو هن جو.

هاءِ هڪ آس جو نشو هن جو،
حال ڏس ڇا ڪري ويو هن جو.

واقعي خوب هو سٺو ماڻهو.
پر نه پڇجو ته ڇا ٿيو هن جو.

ڇو مٺائي هليو ويو. توڪي،
ڪجھ ته هوندو ٿي فائدو هن جو.

عشق جون يار بس هيون ڳالهيون،
جسم سان ٿي هو واسطو هن جو.

✠

ساريون آسون زنداني نوڙا آهن،
ڏس، وڇندڙ ڪيڏا سخت هٿوڙا آهن.

ڪوڪو انتر مکي انهن کي هضم ڪري،
شبد سکيا جا هوندا ٿي ڪوڙا آهن.

ڪو بہ نہ ٻڌندئي، چو ٿو وقت وڃائين،
يارا حوس جا ڪن ٿيندا ٻوڙا آهن.

ڪوئي ٿو ڏک کي سک کان ڌار ڪري،
دنيا ۾ هر شيءِ جا ڏس جوڙا آهن.

ڇوڄ منجهان گهمندو ڪر تون يارا هتي،
دل جا رستا لنبا ۽ چوڙا آهن.

سوچي سمجهي پوءِ انهن ڏي اک کڻجانءِ،
آشائون جڻ طوفاني گهوڙا آهن.

✠

گهڙيون ڀ دل ۾ اوهان جي اگر رهي ويندس،
هزارين جنم پلن ۾ ڇڙڪ مان جي ويندس.

سنيالي واس رکج منهنجي قربتن جو تون،
سياڻي خاڪ ٻڌجي آنءُ ماٽ ٿي ويندس.

جلايو آهي انهيءَ اس ايترو جو مان،
سڄي جهان جي وحشت کي کن ۾ پي ويندس.

قسم اٿئي متان منهنجي اوٽ ۾ تون وهين،
ڪچي مڪان مثل، هاءِ مان ڍهي ويندس.

وڇايان راهه ۾ تنهنجي جڏهن اجالا مان،
ڇهي سگهين تہ ڏئي توکي هڪ ڇمي ويندس.

جي نہ ٿئي سحنت جو گڻ،
ويٺو خواب ايوڳُ اڻ.

ڇا نالو ڇاگڻ، او گڻ،
ڏسبو آ ماڻهوءَ جو بڻ.

پل پوکي اڃڙا، اجرا،
پوءِ پڪل سڀ پوکون لڻ.

گوهي گڏهن ڪين ڪئي،
هن جي هٿ ۾ آ لڪڻ.

ڪلڪ ڳهائج پوءِ ڪوي،
اڳي صاحب جو سڏڙو سڻ.

✠

مست ڪي ڪجهہ ڏي قديمي جام سان،
لنو لڳي اي ڪاش! ازلي نام سان.

هو فقط نالو لبَن تي رام جو
پيو ڪوئي ناتو ڪٿي هو رام سان.

پيٽ جي بک لئہ بڪئي انسان کي،
هو ملائي ويو هليو گلفام سان.

ڪن کي ڪا لالچ ڏيئي، واعدا ڏيئي،
خوش ڪيا ويا شخص ڪي انعامن سان.

حوصلو جذبي هجڻ سان ٿو ملي،
سڀ ملي نہ سگهندو آهي دام سان.

ڪر دعائون ڏيءُ جو مڱڻو ٿئي،
مان بہ پوءِ خوب سمهندس آرام سان.

مونجهارن، ڳڻتين ۽ ڏکين سوالن ۾،
تون بہ ڇڏي ويو آهين ڪمڙن حالن ۾.

اڄ منهنجي پاڇي پڻ مون کي صاف چيو،
توسان گڏجي هلندس . آءُ اجالن ۾.

هٿ ۾ گل ۽ مرڪ مڌر چپڙن تي آ،
توکي شايد يارا! ڏٺو اٿم خيالن ۾.

جيڪو پاڻ بڻي نہ سگهيو ڪجهہ جيون ۾،
آڳ لڳائي آيو آهہ مثالن ۾.

هن هڪ ننڍڙي عرصي ۾ اتهاس رچيو
ڪجهہ نہ ڪيو آهہ اسان هيڏن سالن ۾.

چو ٿو ويچاري ڪي ايڏو شرمائين،
جاچي هنکي سچ .جي سخت حوالن ۾.

پاتم ان کي پڻ ناموسيءَ جي زد ۾،
جنهن آکيو پئي آهہ رکيو ڇا نالن ۾.

آرسي سامهون رکي خود ساڻ پرچي ڏس ذرا،
سڀ غصو ڪافور ٿي ويندءِ تون مرڪي ڏس ذرا.

ياد مٺن کي تو ڪيو فرصت ملڻ ڪانپوءِ آ،
هاڻي مون وٽ وقت ڪونهي تون ٻہ تڙپي ڏس ذرا.

ڪنهن ٻہ محنت جو نتيجو ڪونہ ٿو وئرٽ وڃي،
ڦل جي خواهش کي رکڻ وارا تون ترسي ڏس ذرا.

رام جهڙي رام جاتو ڪين چا ٿيٽو سيان،
تون ٻہ سرجڻهار سان ٿوڙو تہ سرچي ڏس ذرا.

لڪ ڪٽي سمجهائي ڪنهن کي ڪو اثر ٿيٽو نہ آ،
تون ستل ڪنهن روح جو آواز ٻڌجي ڏس ذرا.

لڪش لحظي منجهہ حاصل چو نہ ٿيندئي لڪشمڻ،
ياد ۾ هن يار جي اي دل! تون ڌڙڪي ڏس ذرا.

نظر آهي، تہ آهي دور اجيارو متان سمجهو.
هميش ، لاءِ رهندي رات انڌيارو متان سمجهو.

اگر ساگر اڳيان هن هٿ نہ ڦهلايو هو پنهنجو
اجارو ڪونہ هو انسان ويچارو متان سمجهو.

اسان عزت، ادب صدقي اگر خاموش ويٺا هون،
اسان جي وات ۾ جيڀ ڪونهي يارو متان سمجهو.

اصل استان ۾ سو روپ، پنهنجو ياد آ مون کي،
سڃاڻان ٿو آهيان ڪير، ويسارو متان سمجهو.

هجي احساس جي دولت هجي آسودگي دل جي،
فقط پئسي هجڻ سان شخص سوپارو متان سمجهو.

پولا پيد پلائي سارا،
اڄ تہ وٽون هڪبئي کي پيارا!

اس کان ڇرڪي ڪيئن وٽن ۾،
وينا ها پاڇا ويچارا.

سڀ جا ڪانڪي حيران حيران،
سونهارا ڏاها ڏکيارا!

رهندا آهن رات سموري،
من جي پاڪر ۾ انڌيارا!

لفظن جي معنيٰ، مطلب جا،
اٿندا ويا شاعر اجيارا.

✠

بس هجڻ جو هڪ سبب انماد آ،
مؤت شيرين زندگي فرهاد آ.

بي رخي ڏيئي ٻه پائي پيو دعا،
ڇا غضب جي چيز هي اولاد آ.

سال اڳ جا تو ڇئي هئي تّڪ گتل،
ايئن لڳي ٿو اڄ ٻه مون کي ياد آ.

پيار جا ٻنڌڻ مڏر توڙي ٻٽيو،
موت جي لئہ منتظر آزاد آ.

هر گهڙي جنهن درد کي دعوت ڏني،
زندگي ۾ شاد ۽ آباد آ.

✠

ڏن- دولت ڌاهن شهرن ۾،
پر خود کي ڊاهن شهرن ۾.

هڪ ٻئي جي صورت لاءِ سڪن،
ته به رهندا آهن شهرن ۾!

بار ٻڌي آ ناداني جڻ،
ٽڪ ٻي ٽا. لاهن شهرن ۾.

سچ جو دامن سوگهو تن وٽ،
جي رهندا ناهن شهرن ۾.

ڳوٺ ۾ جهومن سنگن سان گڏ،
ويڳاڻا آهن شهرن ۾.

✠

خوش هو تہ منهن تي صاف کليل سچ چئي ويس!
دل ۾ مگر عجيب ڪا هلچل مچي ويس!

منهنجو خيال هو تہ بچايو آ مون کي هن!
هن جو خيال هو تہ مان ڪيئن بچي ويس!

بک جي سبب ضمير کي وڪڻي پيو اچان!
اڄ مان بہ ڏس ڪيئن نہ سين جهڙو تي ويس!

يارن ۾ صرف ڳالهہ شرافت جني تي هئي،
ٻڏندي نہ چاڙ ڇاڪون ايئن منهن لهي ويس.

انسان ٿو ٻڌائي اچي درد ڪجهہ گهڙيون،
دائم مليو تڏهن تہ مان شاعر ٻڻي ويس.

✠

پلي هو بيزبان آهي، نظرڪي رنج ٿيندو آ.
وهي ٿو رت اگر ناحق خنجر کي رنج ٿيندو آ.

ڏسي لاچار رشتا سانت ۾ ڳوڙها وهائي ٿو،
اڱڻ ۾ ڪا ڏسي ديوار گهرکي رنج ٿيندو آ.

نہ ڪوئي خط، نہ ڪو قاصد، لنويو ڪو ڪانگ پڻ ڪونهي،
صدين کان بند هن منحوس در کي رنج ٿيندو آ.

اڳيان ماڻهو اڳين چاهت، اڳيان انداز پڻ چا ها!
ڏسي هي ملهہ اڇوڪا هن نظر کي رنج ٿيندو آ.

هي ساوا پن، هوائون ۽ گلن سان مهڪندڙ ڏاريون،
پکي هڪڙو نہ ءَن تي، آ شجر کي رنج ٿيندو آ.

ويا سڀ ڪوهجي، هن شور جي بازار ۾ ماڻهو،
بنا هڪ روح تنها جي شهر کي رنج ٿيندو آ.

متان گم ٿي وڃي ڪڏ داد جي، هن اکر جي معنيٰ،
نہ سمجهيو ويو اگر آهي اکر کي رنج ٿيندو آ.

✠

ڏنا جي عيب مون پنهنجا تہ ڪو جواب ڪونہ هو!
اوهان جي ڪرم جو مون تي مگر حساب نہ هو!

چڱو تيو جو ڏيو پاڻهي وسامي ويو!
هوا جي رخ ۾ تہ ورنہ ادب، حجاب نہ هو!

ڪٽي ايئن بہ چئجي ڪو اختلاف نہ هو،
اسان جو واسطو هو، پر اهو شباب نہ هو.

لڳا ها چو سنا ۽ مڏر بالڪ؟
انهن اڳيان ڪڏهن گيان جو ڪتاب نہ هو!

لڳو اهو ئي ماڻهو آ خاص هر ڪنهن کي،
جهان ۾ رهيو جيڪو بہ ڪامياب نہ هو.

اچي تو درد جي دولت عطا ڪئي مون کي،
اڳي تہ درد بہ نہ هو، غم نہ هو، عذاب نہ هو!

✠

ڪيڏا سواس خرچي ڪپايئہ حساب ڏي،
مالڪ جي ڪيئن مهر مٽايئہ حساب ڏي!

رڻ پٽ جي ريت، رڃ اندر ايئن رلي – رلي!
ڪاٽي مٿا تو ساهہ سڪايئہ حساب ڏي!

چنتا ، منجهارا ، مشڪلون ويڙهي مٿي مٿان!
دونهين جا ڪش ڪڍي جي اڏايئہ حساب ڏي!

حسرتن جي حادثي ۾ پڇي ۽ پري – پري!
لاڪيڙا ڪيڏا لال لٽايئہ حساب ڏي!

خواهش ڪُتيءَ جي خام خياليءَ ۾ خاڪ ٿي،
جيون جا جوش، جلوا، جلايئہ حساب ڏي!

مطلب جي مورچا هٿي ڪارنهن جي ڪرت ۾،
سچ ڪيترا ۽ ڪوڙ ڪمايئہ حساب ڏي!

ڏاتر هي چنڊ ڏينهن حياتي اٿئي ڏني،
دامن تي ڪيڏا داغ لڳايئہ حساب ڏي!

✠

تنهائين کي مڏ پيري فرصت هئڻ گهرجي،
مايوس ٿي رهڻ جي عادت هئڻ گهرجي.

شاعر اکر جي زور تي مشڪل نٿي سگهيو،
جذبات ۾ جنون يا وحشت هئڻ گهرجي.

منزل ملڻ ۾ دير لڳي فڪر ڇو ڪجي،
انسان ۾ هلڻ جي شرافت هئڻ گهرجي.

هر ڪو مهاندو هن جي مهانديءَ جو نقش آ،
تنهنجي نگاهه ۾ ڪائي صورت هئڻ گهرجي.

آواز اختلاف اٿارڻ ڪپي مگر،
ان ڪان اول اسان ۾ ڪا طاقت هئڻ گهرجي.

ڪارج سيٺي راس ٿيڻ ۾ نہ دير آ،
تنهجي نظر جي صرف عنايت هئڻ گهرجي.

سڪ سهنج ايترا بہ تہ ماڻڻ نٿا سنهن،
ڏڪجي آدميءَ کي ضرورت هئڻ گهرجي.

مايوسين جو ميڙ متاثر متان ڪري،
من ۾ ڪا اهڙي مونجهہ ڳجهارت هئڻ گهرجي.

ڇو يار 'لڪشمڻ' تو پيجي آئينو ڇڏيو،
خود کي ڏسڻ جي ڪا تہ سهولت هئڻ گهرجي.

※

بنا ڪجهہ ٻڌائي، بنا موڪلائي،
هليا ٿا وڃن ديس ڪهڙي الائي!

سمهاريو ويو آ ٻڪيو ٻارن کي،
اهو ئي پرين جي ڪهاڻي ٻڌائي.

خبر تس تہ ڪوئي نہ ايندو تڏهن پڻ،
چري روز ويهندي آ گهر سجائي.

چراغن مثل مدتن کان جليون هن،
اچي ڪاش ڪوئي کي اکين اجهائي.

چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ وڏو آ تفاوت،
هٽي هام هر ڪو مگر ڪو نڀائي.

سندس پوٿلگ ئي ڪندا ناس هن کي،
ڪوئي آهي جو ديوتا کي بچائي.

اياڻا بلاشڪ نہ سمجهائي سگهنديئي،
مگر گيان وارا چڙهينديئہ منجهائي.

انڌيرو ڏسي در سندي تي سوالي،
اجايو ڏنوسين اِجهو ، گهر جلائي!

اسان لئہ تہ 'لڇمڻ' اکر آسرو آ،
اکر جي اگهي روشنيءَ تي رسائي !

✠

برباد ۾ ٽٽل گھر جاڳن پيا اڃا ڏس!
اميد جا عناصر جاڳن پيا اڃا ڏس!

هٿ خواب ها جي لکندا ، ڦٽجي ٽٽي ڇڄي ويا،
پکڙيل زمين تي ڪاڳر جاڳن پيا اڃا ڏس!

منحوس خواب ڏسندي پاسو زمين بدليو
ڊپ خوف جا نشاچر جاڳن پيا اڃا ڏس!

ڏسندي ڇڪيا جي جوالا ويران نگاهن ۾،
ماضي جا مست منظر جاڳن پيا اڃا ڏس!

سيني ۾ چير وجهندڙ چيخن تہ چپ ڪئي پر،
هيسيل هي گهر، دريون، در جاڳن پيا اجا ڏس!

اجڙي ويا اچانڪ سپ خواهشن جا ڏيرا،
اکڙين ۾ آب ۽ ڏر جاڳن پيا اجا ڏس!

قدرت جي قهر جي هن موسم مٿان هراسيل،
پيلا اداس امبر جاڳن پيا اجا ڏس!

بابا، امان، پاڻو ڪوئي تہ ونڻ ايندو
آساٽتا هي نينگر جاڳن پيا اجا ڏس!

آغوش ۾ اجل جي سندري سمهي پئي پر،
ٻانهن ۾ ان جي زيور جاڳن پيا اجا ڏس!

مستيءَ ۾ ۽ مڙن ۾ مخمور ٿي ويا سپ،
بيزار ـ ڏيگل، ٻيٖ گهر جاڳن پيا اجا ڏس!

سميا ونا جو سورج چاهي لهي چڪو آ،
آشا جا تروار پر جاڳن پيا اجا ڏس!

دنيا جي ڳالهہ ٻي آ، شاعر جي شاعري ۾،
احساس جا هي اڪثر جاڳن پيا اجا ڏس!

✠

حقيقت هون، يا افواهه هون يا ڪوئي حادثو آهيون،
ذرا سمجهاءِ او خالق! ڪٿان جا هون ۽ ڇو آهيون.

اهو ويچار ايندو آ اسان جي زندگي ڇا هي،
سڦلتا جو يا منزل جو يا پيو ڪوئي نشو آهيون.

اڃي ڪوئي ڪٿان شايد لکي نالو سندم سهڻو،
سڪايل ڪنهن نظر جو منتظر ڪورو صفحو آهيون.

اگر دنيا لڳي توکي هميشه يار! بي معنيٰ،
اسين پڻ ڪنهن اداسيءَ جو عجيب ذائقو آهيون.

اسان وٽ عيش جي دنيا غلامن جي جڳهه ناهي،
غمن جي غيب سان پرپور تنها تعلقو آهيون.

نہ ٽيو آهي، نہ ٽيڻو آ، صدين کان فيصلو جنهن جو
عدالت جو منجهائيندڙ عجب ڪو معاملو آهيون.

نہ پڇجانءِ لڪشمڻ هيءَ عمر ساريءَ ڪيئن گذاري آ،
اسان هن زندگيءَ جو تلخ هڪڙو واسطو آهيون.

✠

چو ٿي پل پل دل گهٻرائي، ڪو تہ ٻڌائي.
ڇاتي چيريندڙ غم ڇاهي، ڪو تہ ٻڌائي،

پاڻ ڪٿان هت آيا آهيون ڪهڙي ڪارڻ؟
ويٺو ڪاٿي آهہ الائي، ڪوتہ ٻڌائي.

ڪڏهن ڪا دانهن ڏکن جي ڪوئي تہ ٻڌي ها،
ڪوئي ڪيسين پيو ٻاڏائي، ڪو تہ ٻڌائي.

ڪاش ڪٿي ڪا منزل، مقصد ڪو تہ هجي ها،
ڪيسين ڪو واٽون واجهائي، ڪو تہ ٻڌائي.

جيئڻ مرڻ يا سک ڏک سڀ هن جي وس ۾،
آخر منهنجي وس ۾ ڇاهي؟ ڪو تہ ٻڌائي.

هرڪو چاڻي ٿو دل تي ڪو زور نہ هلندو،
ڇو ٿي پوءِ دنيا سمجهائي، ڪو تہ ٻڌائي.

ٿي نہ سگهيو هڪڙو بہ ڪنهن جو سپنو ساڀيان،
[illegible]ؤن ڇاتيءَ ساڻ لڳائي، ڪو تہ ٻڌائي.

هيڏو هيسيل هي ويچارو سچ جو پانڌي،
پل پل ڇو ٿو پيو پڇتائي ڪو تہ ٻڌائي.

ڪنهن ڪي ڪوئل ايئن صدين کان ڏئي پئي سڏ،
ڇو ٿي ايڏو شور مچائي، ڪو تہ ٻڌائي.

ڪيئن گذاريندو آ 'لڇمڻ' هيڪل شامون،
گهر موٽڻ ۾ دير لڳائي، ڪو تہ ٻڌائي.

✠

احساس ۾ امنگ پريو انجمن هيو
ماڻهوءَ ۾ سوچ جو بہ عجب جهڙو فن هيو.

ويران هن جڳهہ تي اچي چو بيهي ويس،
سچ ٿو چوان تہ يار! هتي ئي چمن هيو!

پردو حيا جو شرم جو پوءِ ذڪر ڪيئن ڪري،
نظرن اڳيان اگهاڙو سندس ئي بدن هيو!

اکڙيون اداس، ڳل تي بہ ڳوڙها ڳڙي پيا،
يادن ۾ منهنجي، منهنجو ئي پيارو وطن هيو!

واعظ ٻڌڻ جو توکي بهانو ڪٿي ڪيم،
ساري چمار منهنجو نياپڻ ڏي ڪن هيو!

دنيا ڪي ڪم برن ڪان بچڻ جو چوي تہ ٿو،
خود گهر حماقتن جومگر لڪشمڻ هيو!

✠

ڪيڏن سالن کان ويٺي لوئي،
خواهش خواهش پاڻ نچوئي.

سوچيان ويٺو ڇو نہ ٿڪو هان،
مان اکرن کي ڍوئي ڍوئي.

ڪير يلا آ، جو صدين کان،
منهنجي اندر ويٺو روئي.

ماسو ير شل مال ملي ها،
هي سارو جڳ ڪوئي ڪوئي.

چنڊ ڏسي هڪ پاڳل نينگر،
شام صبح پٽي منهڙو ڌوئي.

لڇمڻ ڪوئي شعر چئي ڏس،
اکڙيون لڙڪن ساڻ پڳوئي.

✠

زندگي ضد تي چڙهي هڪ ٻار وانگر ٿي وئي!
آس جا دلڪش ڪلوٽا ملندي ئي پرچي وئي!

ايئن وساري آ وئي موجودگي منهنجي هتي،
جڻ تہ پاڻيءَ مان ڪڍي آگر، جڳھہ پرجي وئي!

وقت ٿيو آ، ڪونجڙيون آڪاش ڏي اڏري وِيون،
ڪوڪ تن جي تار جي پن پن تي آ رهجي وئي!

ڀروسو ڪر وقت ساڳيو ڪونہ ڪو رهندو ڪڏهن،
موت جهڙي هئي گهڙي پر شڪر آ گزري وئي!

زور ڪنهن پڻ ڳالھہ تي ڪنهن جو هليو آهي ڪٿي،
آرزو ويچارڙي بيوس بڻي سمجهي وئي!

هاءِ، هيءَ انسان جي زنده رهڻ جي آرزو،
پياس جي ماري هزارين زهر پڻ اڄ پي وئي!

آدميءَ جي آبرو وئي وڪامي لڪشمڻ،
هاءِ ليڪن ڪٿن ٻڌايان، ڪيتري سستي وئي!

پتو پنهنجو اي ڪاش! پايان ڪٿي مان!
ٻڌائيم ڪوئي تہ آهيان ڪٿي مان؟

الا! ڪيترو شور ۽ پيڙ آهي،
بہ ڳوڙها، ٻڌايو وهايان ڪٿي مان!

ڏسو درد دل جو وڏو ٿي ويو آ،
لڪائي بہ گهر ۾ لڪايان ڪٿي مان!

اچي حسرتن آهي ديرو ڄمايو،
پريل گهر ۾ توکي وهاريان ڪٿي مان!

پکڙجي وئين ڪيترو فاصلن ۾،
سينهو ننڊو هڪ ٻڌايان ڪٿي مان؟

✠

منهنجي پويان ايندو هو!
ڏسندو آهيان پاڇو هو!

هر دم ائين چو لڳندو آ،
ڪمري ۾ گڏ ٻيو ڪو هو!

سڃن سڃن ديوارن ۾،
ڪنهن تاهيو آڪيرو هو.

سوچي سوچي ٿڪجي پيس،
ائين ڇو هو ۽ هئين ڇو هو؟

مندر خالي خالي پر،
ٻاهر پريو ويٺو هو.

مون جنهن کي ماريو آهي،
ڇا سچ ۾ هو ٻيو ڪو هو؟

پاڻ وساري ويو "لڇمڻ"،
شايد ڏاڍو ٿڪڙو هو.

✠

ڪري نہ خاڪ ڇڏي، ٽوڙڙو ٻري ڏسجي!
تمنا آڳ اٿي بس مٿاڇري ڏسجي!

لڪل رهن ٿا ڪئين شخص، شخص جي اندر،
تڏهن تہ شخص ڪي يارو! وري وري ڏسجي!

وڃيس پير ۾ ڪنڊ، خوب روح جون ڳالهيون،
دريءَ مان ويهي ڇو ڪا سرڳ جي پري ڏسجي!

اندر ۾ رحم جو جذبو خدا ٿي ذات آهي،
اکين مان درد جو ڳوڙهو ٻٽي ڳڙي ڏسجي!

ڇون ٿا خاڪ ۾ داڻو ملي ملوڪ ٻٽيو
هجي نصيب جي جيئري ٿي شل مري ڏسجي!

اکين جو، روح جو ٽڪ سارو دور ٿئي جيڪر،
نديءَ ۾ پير وڌل ڪاٿي سندري ڏسجي!

غمن ۾ آدمي انسان ٿو ٻٽي 'لڇمڻ'،
اي ڪاش! درد جي ڏرتي هري ڀري ڏسجي!

✠

پيو ڪندو ڪارا پنا معلوم آ،
شاعري جي واسنا معلوم آ.

ايترو پيو چو چيپي جو گهاؤ ٿئي ؟
ها ضروري آ انا، معلوم آ.

چو بڻيا گمراهه پوءِ پيو ڪيترا،
ريج آهي خود ثنا معلوم آ.

ها ، پتو ٿنهنجو مليو مون کي هتان ،
پل هجن راهون فنا، معلوم آ.

لڇمڻ پلجي ٻه وندرائي نه دل،
شبد آهي ساڌنا، معلوم آ.

✠

پل دنيا سان ياري رک!
دل ۾ پر بيزاري رک!

ماڻ مزو پوءِ منزل جو
رشتن ۾ دشواري رک!

ٻڌ هڪ خبر بري چپ ۾
دل تي پٿر ڀاري رک!

جي رشتا پختا چاهين،
ممتا پوري ساري رک!

پل هر ڪنهن تي ويساهه رک،
ديد .مگر چوڏاري رک!

شعر ٻڌائي چين وٺاءِ
ان خدمت کي جاري رک!

ناداني سان گڏ لڇمڻ
ٿوري دنيا داري رک!

✠

محبوب تنھنجي ياد پلائي ڇڏي اٿم!
دل ۾ غمن جي ڏوم مچائي ڇڏي اٿم!

دونھين ۾ بڏل لڙ نہ ڏنو تي ڪو سوجھرو،
ان جي ڪري ئي شمع وسائي ڇڏي اٿم!

توکان الڳ ٿيس تہ سهي ائين ٿو لڳيم،
جڻ چيز ٻي ڀھاڪا وڃائي ڇڏي اٿم!

خواهش جي خوفناڪ جھنگل ۾ رلي پئي،
مايوسين جي ڇٽنگ لڳائي ڇڏي اٿم!

سوچيان ٿو چا پلا ڪبو بازار ۾ ڀهي،
موڙي جا ڳنڍ ۾ هي کپائي ڇڏي اٿم!

ڪجهہ شرمائي ڏس تہ سهي،
لڙڪ وهائي ڏس تہ سهي.

مون کي پلائڻ چاهين ٿو!
چڱو پلائي ڏس تہ سهي!

هن جي يادن سان دل کي،
روز سجائي ڏس تہ سهي!.

تو جهڙو ئي آ، هن کي ،
تون پرچائي ڏس تہ سهي!

ڪڏهين تون آئيني سان،
ديد ملائي ڏس تہ سهي.

خواهش کي، مايوسيءَ کي،
چٽنگ لڳائي ڏس تہ سهي.

"لڇمڻ" موڊ نهي پوندءِ،
ٺمڪ لڳائي ڏس تہ سهي.

خوب لازم هيو وڃائڻ پيار سان،
ڪنهن نه پاتو ڪجهه ڪڏهن تڪرار سان.

ڇا ٻڌايان حال ڪهڙو ٿيو هيو
مون ملائي هي نظر هڪ ٻار سان.

ننڍ هئي يا هو گهرو ڪوئي نشو
پيو ته ڇا رشتو هيو سنسار سان.

زهر جي ڏارا هجي جي خون ۾
ڇو هجي ناتو ڪوئي تلوار سان.

مارجي ڇو ڪنهن تي حملو ڇو ڪجي،
جي پڄائي ٿو سگهين للڪار سان.

شاعري جا علم ۾ گم ٿي وئي،
ڪانه وابستہ هئي اظهار سان.

منهنجو ڪرتب شعر چوڻ،
تنهنجو ڪم آهي سمجهڻ.

مجبوري آ پيار تيڻ،
وس ۾ ڪنهن جي آ ترڪڻ.

اچڙو اجرو اچي اڳيان،
برڪت سان پرجي باسڻ.

مور ٻڌائج هن پيري،
صاحب جي در جو پاهڻ.

پيري تي پهچي وياسين،
هاڻي بس آهي سنبرڻ.

ورلن کي ٿو سينگاري،
تنهائيءَ جو آپو شڻ.

جنهن دم چاهي يار ٻڌي،
فرض اسانجو آ، آکڻ.

ايندي رهي آياد پلائڻ کان پوءِ پڻ،
جلندو رهيو چراغ وسائڻ کان پوءِ پڻ.

بخشيش جي سنڀال کو ورلي ڪري سگھيو،
خالي رهيو پلاند هو پائڻ کان پوءِ پڻ.

ڇا لئہ بڻيو آ ڪو ائين تنها ۽ دربدر،
رشتا سمورا خوب نڀائڻ کان پوءِ پڻ.

هن کي هزار بار ڀروسو ڪندي ڏٺم،
دوکا فريب هر گھڙي کائڻ کان پوءِ پڻ.

دل ۾ تہ هن جي ڪو بہ بڻائي نہ گھر سگھيس،
دولت جو خوب زور لڳائڻ کان پوءِ پڻ.

✠

موج مچائيندو آهي من،
پر لوڙائيندو آ جيون.

ڪارا تنهنجو نالو ڪٽندي،
اجرو ٿي پيو منهنجو دامن.

ديوارون ٽوڙيون تہ سهي پر،
ٻسو ٻسو آ يارو! آنگن.

فقط نشاني تي جنهن جي اک،
جڳ ۾ اهڙو ڪو ڪو ارجن.

منهنجي لاءِ عبادت آهي،
دنيا لاءِ ڪِوتا آهي فن.

ڳالهائي ٿو ءِ سو پڻ سچ،
سچ ۾ پاڳل آهي لڇمڻ.

✠

دنيا مون کي وٽي متان،
ترت خدا پوءِ کٽي متان.

ڪيڏو ڳٽتي ۾ وينو
داغ ڏسي ۽ ڳٽي متان.

سوچيو آ پيءُ ، مون جهڙا،
گهر واري ڦر ڇٽي متان.

هٿ اولاريو آهي پٽ،
۽ امالڪ هٽي متان.

ڪوڙا ڏاهن کي ڏاڙهن،
يارو! ايئن پڻ ٻٽي متان.

پوءِ پيا ڳوڙها ڳاڙيون،
ڪوئي ايڏو وٽي متان.

اوهان جي يار! طوفانن ۾ واچوڙن جي بستي آ،
اسان جي پڻ سڪل هڪ پن مثل مجبور هستي آ.

محبت جي ڪائي قيمت مقرر ٿي نہ سگھندي آ،
ملي هي جنهن بہ قيمت تي انهيءَ قيمت تي سستي آ.

اسان جي بيخودي ڪنهن مئڪشي تي منحصر ناهي،
اسان وٽ روح جو روشن عجب امڪان مستي آ.

انهيءَ کي ليکجي ڇو مرد جنهن وٽ درد ئي ڪونهي،
اگر مون کي مڃين هي غم غضب جي تندرستي آ.

اچي ٻارن چيو! بابا کلوٽا ڪونہ ٿا گھرجن،
هنن کيٰ تي ٿيئي معلوم منهنجي تنگدستي آ.

اها ساڳئي اداسي ۽ وري ساڳيو اهو ئي غم،
نہ ٿي جي چين پائي دل، نہ پائي، زبردستي آ؟

✠

گهڙي ڪن نشو يا خماري رهي ٿي،
مگر پوءِ رڳو شرمساري رهي ٿي!

ملڻ لاءِ توسان فقط منتظر ڏس،
قبر زندگي پر ڪنواري رهي ٿي!

وڃو واسنائون، ڪو ٻيو گهر وسايو،
هتي ڪا عجب بيقراري رهي ٿي.

اسان جي اڇائن جو ڪارڻ آ جيون،
اڇا ساڻ ٿي عمر جاري رهي ٿي.

گلن جي وزن سان ڪڏهن ڪانء ڪرندي،
جهڪيل خوب ها خوب ڏاري رهي ٿي.

اچو شاعريءَ جي چمن ۾ اچو سڀ،
اسان وٽ هميشه بهاري رهي ٿي.

هيءَ جو گمان مون تي هيو تنهنجو شڪ هو.
چڻ تنهنجي بي پناهہ محبت جو ڏڪ هو.

چو منهنجي زندگي کان ڪنارو ڪري وڃين،
تنهنجو تہ منهنجي موت تي بہ يار! حق هو.

سچ آ تہ هن ۾ عيبُ ها، ڪمزوريون هيون،
پر شخص لاجواب هو، ياريءَ جو نڪ هو.

منهنجو بچڻ لڳي ٿو نهايت محال آ،
ڪنهن اوپري جو ڪونہ هو، پنهنجي جوڙڪ هو.

جيتامڙو پکي هو شڪاري جي ڄار ۾،
منهنجي حيات هئي ۽ خواهش جو چڪ هو.

پر لطف موت پائي ويچارو سمهي پيو،
آخر تہ زندگي جو خطرناڪ ٽڪ هو.

✠

آشائن ۾ پڄين پرين تو
ٻيرن کان تون ٻير گهرين تو.

تنهنجو اپڙڻ ڏاڍو مشڪل،
ڇو ته لهڻ ريءَ اپڙين تو.

صدين کان اندر ۾ ويهي،
پيڊ پٺي ڪا روز ڪرين تو.

هاءِ حياتي جي پيچري ۾،
ڦٽڪي چپ چپ، چرين پرين تو.

ڪنهن سان ناتو جوڙيو ٽئي جو
نيڻ ملائين ٿو ته جهرين تو.

تنهنجا اکر نہ اکلن قاصدجو ڏوهہ ڪهڙو؟
ڪاڳر ڪتي نہ پهچن قاصد جو ڏوهہ ڪهڙو؟

تنهنجن خطن تي ڪوئي نالو پتو ئي ڪونهي،
هِت، هت پيا ٿا پٽڪن قاصد جو ڏوهہ ڪهڙو ؟

عرصي کان شانت اجڙيل سنسان بند گهر ۾،
چمڙن جا پر ٿا ڦڙڪن قاصد جو ڏوهہ ڪهڙو ؟

ڪيڏا ۽ ڪيستائين ڳولي پيلا تڪاڻا؟
پيا ڏس پتا بدلجن قاصد جو ڏوهہ ڪهڙو؟

خط ختم ٿئي ڪو تيسين قاصد ڪوٺہ ويهندو،
توکان نہ لفظ ليچن قاصد جو ڏوهہ ڪهڙو؟

هئڻ جو هاءِ هي صدمو جگر پل پل جهري پيو ٿو،
اندر ۾ اهنج جهڙو ڪجھ الا ڪيڏو ڪري پيو ٿو.

اڳي جي ڳالھ ڪجھ ٻئي هئي اٽل ،اوچا ارادا هئا،
اڄوڪو پرڪٽو ايمان ڏس ڪيئن ڪيئن ڀري پيو ٿو.

ڏسڻ سان ايئن لڳي ٿو ڄڻ ايامن کان اٽل آهي،
هي پربت حاءِ تان پنهنجي مگر پل پل سري پيو ٿو.

پلا هن کان وڌو ڪنگال پيو ڪو ڇو هجي جڳ ۾،
مليو جنهن کي هو سڀ ڪجھ اجان پڻ ڏس گهري پيو ٿو.

عجب ڪنهن آڳ جو اهڃاڻ آهي، هيءَ اداسي پڻ،
دونهون هر ڍير ۾ رک جي .مبارڪ آ، چري پيو ٿو.

ڏسو ڪيئن ڪيئن اٽانگين حالتن جي ان ترازيءَ ۾،
عقيدو آدميءَ جو هر گهڙي، هر پل ترِي پيو ٿو.

عدم جي ملڪ ۾ ويندو الائي ڇا کڻي ويندو،
هزارن جي حسابن ۾ ڇُريو خود کي ڦري پيو ٿو.

⌘

ڳوڙهن ريءَ افسانا ها،
درد بنا ديوانا ها.

ڪوئي پڻ موجود نہ هو
يادن جا بتخانا ها.

دوکا ڪائڻ شوق هو
ماڻهو صرف بهانا ها.

سوچ، سمجهہ هوشياري هئي،
بي غم ها، بيگانا ها.

صبر طلب هئي مئہ نوشي،
چوتہ ٿٿل پيمانا ها.

توتہ ڏنا سڀ ظلم ستم،
مون وٽ بس شڪرانا ها.

منهن تي مرڪون، مسڪانون،
منءَ ۾ پر ويرانا ها.

ڪوٽ خرابيءَ ۾ پڻ مون،
پاتا خوب خزانا ها.

هاءِ، اهي اڳلا ماڻهو
۽ چا غضب زمانا ها.

☩

عميقن جو آهيان اڪيلو مان داڻو اڄان ياد آهي،
ازل کان اسان جو سو اصلي اباڻو اڄان ياد آهي.

سڄي رات روئي پسائڻ وِهاڻو اڄان ياد آهي،
تصور ۾ توسان سفر شاعراڻو اڄان ياد آهي.

وطن کان پري هئُن اسان جو جياپو۰الا حيف آهي،
مگر ڳوٺڙي ڳوٺ جو ڪو نماڻو اڄان ياد آهي.

چڙهي نفس جي ور نڌڻڪا ٿياسين، حقيقت آليڪن،
عمر مارئيءَ جو قصو عاشقاڻو اڄان ياد آهي.

جهڪو سوجهرو هو سواسن ۾ ليڪن هئي سار تنهنجي،
فراقن ۾ ديپڪ الا ڪيئن اجهاڻو اڄان ياد آهي.

پسيني جي پوشاڪ پائي جيئڻ هو جو عهد جن جو
سندن ڳالهين ۾ اثر عالماڻو اڄان ياد آهي.

اهو صبح نرمل اها شام رنگين هئن ۾هئو هٺ،
اهو خوبصورت اسان جو ٺڪاڻو اڄان ياد آهي.

هوائن جون لهرون سنڌوءَ جي ڪناري سکر ساڌ ٻيلو
ڏيئو آرتي، جهانجهه، پرڀات، ٺاڻو اڄان ياد آهي.

گهڙياسين ٿي گهر ۾ رکياڻين متي تي ٿي آسيس جو هٿ،
اسان جي اڱڻ ۾ پپر سو پراڻو اڃان ياد آهي.

اڏورو سڏورو اهو يار منهنجو جهمٽ يا خميسو
ڪڏهن پارسا ۽ ڪڏهن عيب ماڻو اڃان ياد آهي.

اجهل تنگدستيءَ جي الجهن ۾ قاتل هي ايمان منهنجو
وڪيو موٽ ڪٽي جنهن ٻه اگهه ۾ وڪاڻو اڃان ياد آهي.

پلي هت وسايو بنارس يا بامبي يا ڳڙهه ڪو پراڻو
سکر، روهڙي، خيرپور، لاڙڪاڻو اڃان ياد آهي.

جڏهن عشق جي واٽ جو ٿي پڇيو موٽ، اکيون تو جهڪايون،
حيا ۾ ٻڏل سو نگاهن جو اڃان ياد آهي.

سڄي عمر سي عاشقيءَ جون ادائون نه سمجهي سگهيس مان،
ڪڏهن ها ڪڏهن نا ڪڏهن ڪوئي ماڻو اڃان ياد آهي.

منع ڇو ڪندو دين ڪوئي بندي کي بندگيءَ کان،
مسيتن جي پر ۾ گرو جو ٺڪاڻو اڃان ياد آهي.

ڏسي حال ٻولي ۽ سيتا جون اکڙيون رئڻ ٿيون،
مگر سنڌيت جو سڳورو سياڻو اڃا ياد آهي.

✠

هيءَ جيڪا تنهائي آهي،
خود سان جڙ تہ لڙائي آهي.

منهنجي گهر ڏس غم آيو آ،
پل آيو ڳوتائي آهي.

تنهنجي نيڻن جي تجلن ۾،
ويهي ڪئي پڙهائي، آهي.

من جو کهڙو ويساهہ پلا،
من تہ متو سودائي آهي.

پيوتہ ڪيو مون ڪونہ منافعو
ڏس، پاتي رسوائي آهي.

ساڳي مايوسي، غم ساڳيا،
حالت يار، اها ئي آهي.

ايئن لڳو ٿم منهنجو جيون،
لنبي زسمر ادائي آهي.

تنهنجون يادون يادون يادون،
حاوي ڪا موڳائي آهي.

شبڏن ساڻ ڪيم پوڄا پئي،
ڪوتا سرٻ ڪمائي آهي.

✠

* سرٻ = جملي ـ ساري ـ

محبت متل جي راهون آهن،
لڙڪ، اداسي، آهون آهن.

بند درن ۾ دانهون آهن،
۽ چنبن ۾ ٻانهون آهن.

پيرَ هلن پيا پنهنجا هن ڏي،
ڪاشيءَ ڏانهن نگاهون آهن.

سڌ ڪنهن ڪي منزل جي آهي،
سانباها ۽ ڪاهون آهن.

نوڙت جي توفيق هُجي شل،
در در تي درگاهون آهن.

هڪ هڪ چاهت جان گهري ٿي،
منهنجون ڪيڏيون چاهون آهن.

اڄ نانگن جي ٻر ۾ ڳوليون،
ڪي محفوظ پناهون آهن.

شايد مون ساڻ ملي پئي"مان"
ڪيڏيون تنها راهون آهن.

هن من مندر جي ميلي ۾ سڀ ذات ڪٿي آيا آهن،
ڪي خواب ڪٿي آيا تہ وري ڪي رات ڪٿي آيا آهن.

هت اوتارن جون آڪرتيون ٻن ٻن پئسن واريون جي ملهہ واريون،
هي ماڻهو سڀ بس ايڏي ٿي اوقات ڪٿي آيا آهن.

ڪي سطحي، ڪي جذباتي ۽ ڪي آهن قربن جا ماريل،
ڪي ڪي نيڻن جي نور سندي سوغات ڪٿي آيا آهن.

ڪي شاهہ سنديون وايون واچن ڪي ساميءَ جون ساڪيون سيون،
ڪي من ۾ هوشو هيمون جا آڳهات ڪٿي آيا آهن.

ڪي طرحين طرحين جا چشما پائي روز پڙهن درس نوان،
پر ڪي تہ ايوڳن اڪرن ۾ ڪي ٻات ڪٿي آيا آهن.

ڏس ڪي تہ وساميل ڏهرن ۾ ۽ ڪي ٽانڊين ٽانڊين وانگر،
ڪيئي ويڳاڻا وحشت جي جذبات ڪٿي آيا آهن.

ڪي نازڪ گل، ڪي ماڪ ڦڙا ۽ ڪي رنگ برنگي پوپٽ،
ٽاريءَ ٽاريءَ تي جهرڪين جي ڪا لات ڪٿي آيا آهن.

ڪي پنهنجي مرضي سان پلجن، ڪي پلجن ٿا ويچارا ٿي،
ڪي سونهن سونهن پيڇرن جي حالات ڪٿي آيا آهن.

✠

جان هڪڙي ۾، تمنائون سوين،
ڇيڳرا من، ڏس ته آخر ڇا ڪندين.

ڪيتريون ننڊون بچائي مون رکيون،
خوب سمهبو گڏ جڏهن تون موٽندين.

نيڻ اوسيئڙو ڪٽي ويٺا وري،
اڄ صبح کان ڪانو پيو در تي لنوين.

ڪجهه ته ڪر محسوس تون موجودگي،
غرق ٿيو آهين فقط ڇو ياد ۾.

هيترا غم، گهاؤ سڏڪا، ٺوڪرون،
او ٻگهيلا! ڇئه، ڪڏهن ڪجهه سمجهندين؟

✠

ڪاش دل جو حال ڪجھ اهڙو بڻي،
ڪون ڪجھ توکانسواءِ مون کي وڻي.

هي اداسي ڪا عجب سوغات آ،
ڪاش ڪنهن جي جان جي فطرت بڻي.

ڏس چنڊ جي تون اڪيلائي تہ ڏس،
ڏس تہ ڪيڏو سوجهرو پيو تو ڇڻي.

هڪ ڇڻي ۾ ڪاروان ڪيڏا وسن،
محفلون، ميلا مچايا هڪ ڇڻي.

ڪيئن ڪندس برباد خود کي ڏسج پيو،
شرط آهي ڳالھ ڪا مون کي وڻي.

✠

ڏس تہ ڪيئن برباد ويٺا هون اسين،
خواهشن جي گهر متان پاڳل وچين.

زندگي ۾ چور جيان جيئندو رهيس،
ڊپ اٿم مالڪ متان جاڳي پوين.

ڪو تہ ڪو ايندئي اڳياني مٺيرو
گيان وارا، ڪاش ڪي ڏاڪا لهين.

ڇو ڀلا ڀيو ڪجهہ وٺي، دنيا وٺي،
ياد تنهنجي آ جيسين دلنشين.

عشق، تنهنجي راهہ مون توبہ ڪئي،
ڇا ڪريان تون ئي ٻڌاءِ، تو جيئن چوين.

✠

سياهہ راتين ۾ ڏئي جو سوجهرو آ شاعري،
روشنيءَ جوکو عجب ڇڻ پيچرو آ شاعري.

دل زماني ۾ لڳڻ ممڪن نہ هو تنهن جي ڪري،
ڪوڪري پيو مئڪشي، منهنجو نشو آ شاعري.

ڪير مون ۾ پيو وسي منهنجي علاوه شخص پيو،
ڪنهن قديمي راز جو ڇڻ ڪو پتو آ شاعري.

پل هُجي دنيا توهان وٽ، عيش ۽ طاقت هجي،
مون مثل مسڪين جو پڻ آسرو. آ شاعري.

هر مڪمل سچ پڌڻ ڪنهن شبد ۾ سولو نہ آ.
بي زبانيءَ جو عجب ڪو ذائقو آ شاعري.

هيءَ اداسي، درد ڇاهي، ڪو تہ سمجهائي مون کي،
ڪنهن پراڻي ياد جو ڇڻ سلسلو آ شاعري.

✠

محفل ۾ منهنجي يار پڙهو شاعري اچو،
انسان ٻڌايان اوهان کي آدمي اچو.

تڏ ۾ اگهاڙا پار لڻي جو تڪر نہ آ،
قبرن مان چو نہ يارو! ڪفن ٺي ڪڍي اچو.

ايندا تہ آهيو روز اسان وٽ خبر اٿم،
هڪ ڀيرو خود کي ڪاش گڏ وٺي اچو.

جيئرن جي لاءِ ظلم، ستم ۽ ڪراهتون،
مئلن جي ٿا مزار مٿان گل رکي اچو.

چهرو ڏسڻ جي چاهيو اوهين هوبهو سندو،
ڪِرتا جي دستياب اٿؤ آرسي اچو.

پيا سڀ نشا تہ هوش جي خلاف مورچا،
مون وٽ اچو ڪا هوش جي پيئوچڪي اچو.

✠

هي خوشنما نظارا، هي رنگ، روشنائي،
پل پل پيا پڪارين، ڪنهن کي آ واندڪائي.

توئي ڪيو آ پيدا، مرضي هليِ نہ ڪائي،
دوران زندگي تون ئي ڪجانءِ سڻائي.

صدين کان پاڻ وچڙيل ساگر جا هون ڪنارا،
هيڏي بہ هيڪلائي، هوڏي بہ هيڪلائي-

خواهش ڪئي وري مون ٿوري سڪون جي ڇو،
ويٺي اچي بغل ۾ منهنجي اپاڻڪائي.

هر روز هر گهڙي ڏس ڪيڏي متي پئي آ،
منهنجي اندر ۾ راوڻ ۽ رام جي لڙائي.

وچ واٽ ۾ پيو آ گهايل پکيئڙو ڏس،
ڪنهن کي رحم اچي ٿو، ڪوئي اچي تہ ڀائي.

انسان پنهنجي ٿڪجي ٿي پيو پر،
ماپي سگهيو نہ ڪوئي خواهش جي ويڪرائي.

✠

بند اکين سان ڏسڻ جو فائدو سمجهيو هو،
شاعري کي ماٺ جو هڪ پيچرو سمجهيو هو.

سر جهڪايو ڪونہ هو جيسين امڙ جي پير تي،
مون خدا کي، سچ چوان، سڀ کان وڏو سمجهيو هو.

چو نہ بيچيني ملي، ٺوڪر لڳي ۽ دل ٽٽي،
احمقن دنيا کي دائم آسرو سمجهيو هو.

سمجهہ فرضي ۽ اٽئي احساس اصلي ڳالهہ ڪا،
ڇو ملي ڪو مال توکي تو رڳو سمجهيو هو.

جنهن" الف" کان پوءِ پڙهڻ جي نابري واري ڇڏي،
تنهن حقيقت جو نرالو راز ڪو سمجهيو هو.

مسڪرائي، مُرڪندي جي موت کي ماٺي سگهيا،
بس انهن ئي زندگيءَ جو فلسفو سمجهيو هو.

✠

حسرتن جي حوس جي هي چاڪري ڇو ٿو ڪرين،
رائيگان تون يار! پنهنجي زندگي ڇو ٿو ڪرين.

ايترا آنسون وهائڻ لاءِ ڪٿان آٿيان ٻڌاءِ،
ڪيل هي جذبات جو مون سان وري ڇو ٿو ڪرين.

هيءَ جواني، موج مستي، رت رنگيلي ۽ نشو
دوست مون کي سڀ خبر آ، دل لڳي ڇو ٿو ڪرين.

خواب پوڙهو هي وٺي ويندءِ اجهل اوڙاهه ۾،
جاڳ متوالا اجائي خودڪشي ڇو ٿو ڪرين.

شاعري کو شوق ڪونهي، درد جي سوغات آ،
درد جي دل ۾ نه ٺٺي شاعري ڇو ٿو ڪرين.

ڪنهن اداسيءَ ۾ نه ڦاسائي ڇڏي توکي، الا!
يار! ٻڌ تون لڪشمڻ سان دوستي ڇو ٿو ڪرين.

✠

هڪ ٿي سچ ٿي غم دنيا ۾، غم سان شال نڀائين تون،
درد دلاور جي دولت ٿي، درد متان سمسائين تون.

اهڙو ڪو ڏيکار ڪڏهن جنهن هڪ پيي غم پاتو ناهي،
غم ڪان پوءِ خوشي ايندي آ ، ڇو تو هيئن گهبرائين تون.

مون کي سڌ آ هي توکي گهري چوٽ لڳي آ،
نہ تہ ڇو هيئن هنجون هاري گيت ڏکن جا ڳائين تون.

جنهن کي پيار سڏي ٿي دنيا ، سو سچ ۾ ڳوڙهن جو ڏڻ،
ڪجھ سوچ ۾ گهيلا ور ور دل ڪنهن سان ڇو لائين ٿو.

هي مايوسي ۽ بيچيني هن پير پهچڻ جا رستا آهن،
مايوسيءَ کي سمجهي جاڳي شل ڪو جشن ملهائين تون.

لڇمڻ تو ۾ ها تو ۾ ٿي سک جو سارو سرڳ اٿئي،
ذرڙي سک جي خاطر پاڳل ڇو ٿو هٿ ڦهلائين تون.

✠

اڪ اڳائي ۾ انبن جو ڦل گهري ٿي،
ڇو ايئن مون ڪان حياتي ڇل گهري ٿي.

زندگي ڇڙ موت جي آهي ٻني ڪا،
آرزن جو روز جيڪا ڇل گهري ٿي.

خوب سؤلي آ سلڻ هر ڪا ڳجهارت،
ماٺ جو بس يار هڪڙو پل گهري ٿي.

اڄ امالڪ پئي پڪاري . ٿيڄ امان جي،
سر هٿيليءَ تي ڪٽي. تون هل گهري ٿي.

درميان پنهنجي ٻچن جي سڪ محبت،
ماءُ ڦهلائي ڪري آنچل گهري ٿي.

مان مسلسل مونجهه جو ڪو سلسلو هان،
هر گهڙي مون ڪان مڪمل خل گهري ٿي.

لڪشمڻ جي بيوسي جي جاءِ ڪانهي،
آس ٻاجهارا اوهان جو ٻل گهري ٿي.

✠

گهر سنڌو اجڙيل ڏسي ٻن پاڻيرن روئي ڏنو
سرحدن روئي ڏنو، خود حالتن روئي ڏنو.

مدتن کان پوءِ پنهنجي گهر موں کي ايندو ڏسي،
دور کان ئي منهنجي گهر جي در، درين روئي ڏنو.

خواب ۾ توسان ملڻ جي ڳالهه جهومائي ڇڏيو،
پر اکين کي ڇا ڪيان جن عادتن روئي ڏنو.

سوچ جون هيئنائيون ۽ اف نظر جي ڳنڍگي،
ڏس، اڇوڪي آدميءَ جي آرزن روئي ڏنو.

روز خط جي واسطي وانجهيل ڏسي سڪندو ڏسي،
حال منهنجي تي ويچارن قاصدن روئي ڏنو.

روڊ تي گهايل پرندي کي ڏسي سڀ چپ رهيا،
هاءِ اڄ جي حالتن تي حادثن روئي ڏنو.

✠

وڪري لاءِ سڀ غيرت جو سامان هو
منهنجو گهر ڄڻ گهر نہ هو دڪان هو.

آئيني ۾ شڪل ڏسي روئي ويٺس،
ٻاهر جڳ ۾ منهنجو ڪيڏو مان هو.

هونئن تہ ڏاڍو سانت لڳو پئي ويچارو
پر اندر ۾ ڇا تہ سندس گهمسان هو.

ڪوڙ مٿان هڪ ڪوڙ نئين جو واڌارو
پل پل هن جي وڪرڻ جو امڪان هو.

بند درين ۽ دروازن کان روز پڇيم،
ڪنهن جي ٻل تي ٻيو نہ نيٺ مڪان هو.

هرڪو سؤلائي سان سمجهي سگهندو آ،
شاهد بدليو ڇا لئہ نيٺ بيان هو.

مون هي ڀانئيو آهہ غزل بيڪار چيم،
آخر منڙا ڪاڏي تنهنجو ڌيان هو.

اگر چاهبو آ تہ بس چاهبو آ،
نہ ڪنهن ڪي بہ ايئن يار تڙپائبو آ.

ڪراين تي واچون ٻڌي سڀ گهمن ٿا،
مگر هڪ گهڙيءَ تي ڪٿي ضابطو آ.

پراون ڪي پنهنجو ٻڌائڻ ٿو چاڻي،
مگر حيف ٿس جو نہ ڪنهنجو ٻڌيو آ.

امڙ ۾ ابي کي ڪڍيءِ گهر کان ٻاهر،
ذرا سوچ ڪمبخت ٿو ڇا ڪيو آ.

سنڀالي سنگهڻ هاڻ ڏاڍو ڏکيو آ،
نئين دور جو ڇا غضب وهڪرو آ.

محبت، وفا، شاعري، دل ۾ جذبو
ڀلا ڇا وٽن، دور بيمار جو آ.

ڪندو ، ڀروسو ڇو ڀلا اوپرن جو
سندس گهر سندس گهٽگهرن سان ڀريو آ.

ڀلي ڪوششون ڪر مڃائڻ جي هن کي،
ڪڏهن ڀي نہ مڙندءِ اڙي هو ڇريو آ.

✠

هڪڙي خوشيءَ جي لاءِ سوين غم سهي وڃو،
تنهن کان تہ پلو آهہ غمن سان نهي وڃو.

آواز اٿارڻ جي منع آهہ هر طرح،
خاموش لهوءَ وانگي زخم مان وهي وڃو.

ڪرسي آ، اوهان جو هي جنازو نہ ڪونہ آ،
جي ڪجهہ نٿو پڇي تہ سنو آ لهي وڃو.

ديوار انا جي، جي ڏسو ونءُ وڃو مگر،
جن وٽ بہ ذرو قرب هجي ات ڪهي وڃو.

هن دور اڄوڪي ۾ هي ايڏيون صداقتون،
ڇرڪان ٿو اجايو نہ اوهان پڻ ڊهي وڃو.

دنيا جي عذابن جي رکان خوب خبر ٿو،
مون وٽ بہ اچي ڏينهن بہ يارو! رهي وڃو.

✠

نظرن ۾ بي نشان بہ آهي،
ليڪن هو درميان بہ آهي.

مون کي نہ سمجهہ جهڙو تهڙو
منهنجي گهر ۾ امان بہ آهي.

ڏوئي ڇڏ پيل داغ لهوءَ جا،
مگر خون کي زبان بہ آهي.

مشڪل متندي سنڌ جي هستي،
مان سان گڏ ڏس اسان بہ آهي.

هڪڙي ڇپ تي رام جو نالو،
ٻئي ڇپ تي اذان بہ آهي.

منهنجن شعرن ۾ صدين کان،
ڪنهن ڪاوش جو بيان بہ آهي.

مان، بس مان ٿي مان ٿي مان هان،
ڇا ڪجهہ منهنجي ٻنان بہ آهي.

✠

ساموٺڊي لهرن وانگي ويچارا آهيون،
پنهنجو ئي سر ڦوڙيندڙ آوارا آهيون.

سوچي سمجهي يار وٺين ڪو وعدو مون ڪان،
هڪ وعدي تي عمر گذارڻ وارا آهيون.

ڪيئن غمن ڪان ڇرڪون يارو! ڪو سمجهائي،
ٿيا دردن جي صدقي هيڏا سارا آهيون.

جن کي ڪوئي ڏيئو حاصل ٿي نہ سگهيو آ،
اهڙا بي گهر ۾ بيچين شرارا آهيون.

امرت ويلي ننڊ ڦٽائڻ جي مقصد سان،
روز اسر جو وڄندڙ گهنڊ نغارا آهيون.

دنيا جو درياهہ سبب آهي فرقت جو
ڪڏهن نہ ملندڙ ڪي مجبور ڪنارا آهيون.

✠

اڳڻ اسان جو امڙ ـ ابي سان اجرو آهي،
ايئن متان سمجهو تہ اسين ويچارا آهيون.

پاڻ تہ آهيون دلگيريءَ جا اجر. آنسون،
يا ڪنهن آڪاشي گنگا جي ڌارا آهيون.

جيسين دم ۾ دم هو هر ڪنهن آڌار وتو
اڄ بيوس ٿي ٻولهي رهيا. سهارا آهيون.

✠

آدمي هو نيڪ هو ڏاڍو سٺو هو
پر نہ پڇجانءِ يار هن جو ڇا ٿيو هو.

مون گلن جو اگهہ پڇيو هو باغبان کان،
باغ ۾ بازار کي پهہ مون ڏٺو هو.

ڏيءَ جيان سڏڪي ندي وڇڙي جبل کان،
سمنڊ سارو ان ڪري ٿي کارو ٿيو هو.

هر گهڙيءَ پيو پاڻ کي جاچي ڏسان مان،
ڇا ڏٺم منهنجي پنيان پيو آئينو هو.

ٺن گهريو آهي سمورو يا نہ ڪجهہ پيي،
من بٽيو جڻ ڇيڳرو ڪو ڇوڪرو هو.

بدچلن ڇڙواڳ خوشبو کي ڏسڻ سان،
نرم دل گل پڻ هچارو ٿي پيو هو.

✠

الاهي ڇو هئو اهڙو اپاڳيءَ چاهہ جي اندر،
وئي گذري سموري عمر ڏپ ۾ ڏاهہ جي اندر.

اکين کي ڇو جلائي پئي اتان جي ٻاڦ ڪا ڪوڙي،
خدا ڄاڻي ٿيو ڇا هئو عبادت گاهہ جي اندر.

اسان جو واهہ جهڙو باغ هئن برباد ڇو ٿئي ها،
ڇڻي ويو زهر جون بوندون ڪوئي ويساهہ جي اندر.

سلامت ڇو نہ رهندو سچ سدا اوچو اچو اجرو،
هجي غيرت سندو جي ٻج اسان جي ساهہ جي اندر.

جيئڻ هئو مشڪل ڏاڍو ٻڌت جا بس بهانا هئا،
سمايل راز ها ڪيئي اسان جي ٿاهہ جي اندر.

اصل ۾ شاعري هڪ درد جو تنها سفر آهي،
لڪل آ غيب جي گفتار غم جي آهہ جي اندر.

زندگي خاموشين جي گونج هئي، تنها هئي،
شڪر آهه راهه ۾ مون کي ملي ڪوتا هئي.

مون ڏٺو ڪنهن شخص ڪاوڙجي ڪري ڪڙڪي منجهان،
زور سان اڇلي پيچي ٽڪرا ڪئي دنيا هئي.

هڪ دفعي ٽورو الڳ تي جسم کان خود کي ڏٺم،
ڪجهه نه هو پاڇا هئا ۽ موهه جي مايا هئي.

غيب جي ڪنهن تروري جيان يا بقا جي واڳ جيان،
آسمانن کي جهلي بيٺي امر آشا هئي.

صرف پنهنجي ڏاڪ ۽ مرضي رکڻ جي واسطي،
نيٺ سمجهيم تو هي دنيا چو ڪئي پيدا هئي.

هاڻ هن جون هٿن هنجون هارڻ، رسڻ، تڙپڻ، جلڻ،
بيوسي، ديوانگي هئي يا محبت چا هئي.

✠

# دوها \ بيت

مون کي سڏ آ، اي هوا! نہ غصو ايڏو ڏار
مان مچان توکي هڪ ٻہ ڏيئڙو ٻار.

جيئن خاڪ سندي ڍير ۾ چنگاري جو راز
مون ۾ مان ناراض، واٽن تي ويٺو رهيس.

ڏر الجهن، هيءَ بيوسي، شنڪائون اپمان،
جاڳائڻ جي واسطي، ڪجھ تہ هجي سامان.

✠

اکڙين ۾ اتڪي پيل، پاڳل! ڳوڙهو ڳاڙ،
غم گنگا جو جل اٿئي، ايئن نہ خود کي ساڙ.

✠

مستيءَ ۾ موجود ٿي، پنهنجو پاڻ سجاڻ،
مايوسيءَ ۾ ماٺ جي، سنهڙي چادر تاڻ.

✠

سنهن، ياري، وعدا، وفا، پيار سندو اقرار،
ڦوڪي ڦوڪ نہ ڦوڪڻا، ڪوبہ نہ ڪنهن جو يار.

✠

پياس رسي وينئي وڃي، اوڙهي ڪاري ٻاٺ،
ڦڙو ڦڙو ٻڪ مان ڪري، واجهائي پيو واٺ.

✠

تيز نديءَ جي ڌار ۾، جئن ڪاغذ جي ناءُ،
منهنجيءَ دل ۾ پڻ ٿيو ايئن پريم جو گهاءُ.

✠

خوف ۾ معصوميت آ، خبردار دالان،
گهر ۾ آيو ٿو لڳي، شايد ڪو ودوان.

✠

نہ ڪڏهن جو روئي سگهيو سو آهي حيوان،
نہ کلڻ جنهن کي آيو، سو سڏجي نادان.

✠

هن جيون ۾ ڪارگر آ هڪڙي ئي راهه،
پنهنجي ڍنگ جي زندگي، پنهنجي ڪا ساڃاهه.

✠

تنهايون، مايوسيون، ڪري وڃن تصديق،
وڃڻو آ جنهن جاءِ تي، شايد آ نزديڪ.

✠

پاڻ سريکو سات ۾ پنهنجي هجي پسند،
ٻاهر نڪرڻ جا رهن، سڀ دروازا بند.

✠

موں کي آهي تو سڏيو سندر عاليشان،
ڪڻ هيءَ منهنجي زندگي، توتان سڀ قربان.

✠

هونءَ ته ڪڏهن پڻ ڪونه ٿيو منڙو ايئن اداس،
ائن ٿيو جو تنهن ڏينهن سڄو ڏٺم ذرا آڪاس.

✠

پايل هن يا ٻيڙيون، هي نه پڇين سرڪار،
قيد ڪڏهن کان آهيان، چوندءِ هيءَ جهنڪار.

✠

ڪاغذ تي رهجي ويا هي سارا الفاظ،
خاموشي ويئي اچي اورڻ مونسان راز.

✠

منهن تان غائب ٿي وڃي معصوميت، مسڪان،
ايڏا پيي ماڻهو ٻٽيا چو آهن چو ودوان.

✠

جنت ۾ آيو جڏهن هڪ بُکيو انسان،
ايندي ئي ڳولڻ لڳو راشن جو دوڪان.

✠

هڪ پاسي سارو جڳت، شڪتي،گيان، وڪاس،
هڪ پاسي انسان هڪ، تنها ۽ اداس.

✠

رنگ برنگي گج جو رک ۾ ڏسي شرير،
ٻن اکڙين جي سيج کي ننڊ ڏئي تي چير.

✠

خط، اڏام چٽئي پرين کي وريو اتم ارواح،
تند ڪچي جي آس تي، اٽڪيو آهي ساهه.

✠

اڏري ويئي آڪاش ڏي، وڻ تي ويٺل ڪونج،
لامن تي رهجي ويئي، هن جي جهيڻي گونج.

✠

ڪڏهن ڪلائي خوش ڪري، نيڻ ڪڏهن پرنم،
وقت تپالي ٿيو گهمي، ڀٽي خوشي ۽ غم.

✠

خودي کي بخشي ويو انيو عجب امنگ،
هڪڙي ڏينهن مون کي لڳو تنهائي جو ڏنگ.

✠

هٽ ۾ هوندي سک جو پنهنجو سڀ سامان،
ڀٽي سک جي ساڙ ۾ آهه دکي انسان.

✠

مون کي سڏ آ. اي هوا! نہ غصو ايڏو ڏار،
مان مڇان توکي هڪ بہ ڏيئڙو ٻار.

✠

## بيت

بادل برڪا ۽. مڏر سوني سوني ڏوپ،
دنيا جا هي روپ ڪو نہ ڪتابن ۾ مليا.

✠

ڪيئن ثابت رهجي ويئي، سائي سبز زمين،
ڪجھہ تہ ٻڌاءِ يقين، ڇا ڪو ٻلڊر ڪونہ هو؟

✠

هاءِ، جدائي جو ڇڙيو اهڙو ڪو طوفان،
رشتن جو ايمان، ڇيھون، ڇيھون ٿي ويو.

✠

هڪ پيري سان شخص کي سمجھڻ آ دشوار،
هن ۾ شخص اپار سمجھڻ لاءِ سامت کپي.

✠

هڪڙيءَ جو نڙگھٽ گھٽي، ختم ڪيائون يار،
ننھن تي اتيا چار، ڪندا رهن ٿا رمز سان.

✠

ڪوڙ اٿئي سڀ فاصلا، ڪوڙ اٿئي ونجوڳ،
روڳ هجن يا پوڳ، سڀ ميٽا تي منحصر.

✠

منهنجي پاڙي ۾ هجي، هن جو پيو ڪو يار،
اچي هت منتار نيڻ هت منهنجا ٺرن.

✠

ديوارن ۾ دل اٿئي، ديوارن ۾ ساهه،
جي نه اٿئي ويساهه، سينگاري ڏس گهر سندو.

✠

ور ور ڪنهن اڻچاڻ آفت جو آ اهڃاڻ،
سهڻي ساٿيءَ ساڻ، جيئڻ وڏو ڇڻ ڏوهه هو.

✠

سپ خوشيون حاصل هيون، حاصل ها سپ سنگ،
بي چئنيءَ جا رنگ ڪا اڻ تڻ اوري ويا.

✠

ڏي ڏک بيشڪ، ڏي مگر ڏک سهڻ جو ڏانءُ،
ڦاٽي نه پوي هانءُ، سوچ ذرا ڏاتار تون!.

✠

ويريءَ سان سئوڪ پڇڻ، خوب اٿم دلجاءِ،
ليڪن مور بچاءِ يارن کان تون، اي خدا!

✠

ڪمري جي ديوار تي، ويٺي ڪولي وار،
تنهائيءَ اشعار ڏس ته ڏنا هن ڪيترا!

✠

شبدن جو ڪم آ سڏڻ ۽ اچڻ تنهنجي وس،
خاموشيءَ! .تون ڏس، ڪائي واٽ وصال جي.

جنهن جي صدقي سونهن کي حاصل ٿيو گلزار،
سو خود سبز بهار گل جو ڏس پٽو پيو پڇي.

✠

هيءَ بيچيني، بيخودي ۽ پاڳل جذبات،
شل ڪُوتا جي ڏات ملي ماٺ مرم سان.

✠

جيئن خاڪ سندي ڍير ۾ چنگاري جو راز،
مون ۾ مان ناراض، واٽن تي ويٺو رهيس.

✠

پنڌ پري کان آيا، ڪٽي ملڻ جي آس،
ليڪن پلجي وياس آڏڻ پنهنجو پاڻ کي.

✠

جي ٿئي ها موت سان پختي ڪا پهچان،
جيئڻ ٿئي آسان، مرڻ بہ جلسي جان لڳي.

✠

زر، گهر، زالون، پار سڀ، رانديڪا ٿئي يار،
کوهجانءِ ڪين چمار، ڪنهن گمان ۾ غرق ٿي.

✠

صدين کان آسائتو ويٺو آهي گهوٽ،
ڪڏهن تہ قاصد موٽ، ڪنواريتن جي ڳوٺ تان.

✠

ڪڏهن نہ ڦرجانءِ آس تون، ڪنهن کي ڏيئي ڪا چڪ،
متان اها ئي هڪ دولت وانجهيل وٽ هجي.

✠

غم سستي شيءَ ڪين اٿئي، ڪو ورلو غمگين،
درد جنين جو دين سي اجرا آڪاهتا.

✠

زخمن جا گل پوک، ڪر خوشبوءِ جو وهنوار،
ڪر جيوت گلزار ۾ مالهي مالا مال ٿيءُ.

✠

درد سندءِ جيسين پچئي سيني منجهہ سماءِ،
تنهنجي غم جو هاءِ قدر ڪندا ڇا اوپرا.

✠

لهر، لهر پيو تو ڳٽي، ويهي ڪپ تي ڪير،
ساڳئي پاڻي پير، ڪڏهن ڪنهن وڌو ڪين ڪي.

✠

اوسيئڙي، جي ڪا عجب دل ۾ جوڙيم جاءِ،
تڏهن بہ منڙو هاءِ، ڪونہ وڍيسن ڪان وريو.

✠

تنهنجي منڙي ياد جي ڏس اچي پئي ٿي يار،
وچ هاڻي منتار، متان مئي لڄ ۾ مري.

✠

مون ۾ مان ناراض

لڪشمڻ ڏُبي



لڪشمڻ دبي جو شاعراڻو سفر سندس پهرين ڪتاب:" انئي پير اباڻڪو". کان شروع ٿيو. ان کان پوءِ "آڪاش جا ٽڪرا" جهڙو خوبصورت ڪتاب ڏئي انهي سفر تي نئين نرالي نموني ۽ سڦلتا سان اڳتي وڌندو رهيو آهي. ڏرتي تقسيم ٿي وڃڻ کان پوءِ "آڪاش جا ٽڪرا ڪرڻ" واري ڳالھ سنڌ جي مٽيءَ جي ڳوهيل (ٽري مير واھ ڳوٺ مينگهو فقير شر) ۽ ورهاڱي جو وڏ سهندڙ سنڌ جو سچو سپوت شاعر لڪشمڻ ئي ڪري سگهي ٿو. "آڪاش جا ٽڪرا "کان پوءِ سندس شاعراڻي ثمر جو نئون سفر "مون ۾ مان ناراض" جي صورت ۾ اوهان پڙهندڙن جي سامهون آهي. جنهن ۾ لڪشمڻ جا غزل فني حسن رکڻ سان گڏ فڪر جي بلندين تي اڏامندي نظر اچن ٿا. لڪشمڻ وٽ نئين نظر، نئين سوچ ۽ نوان ڇهاءَ آهن. جنهن ۾ زندگي جي جهلڪ بخوبي پرکي سگهجي ٿي. ڏات سان گڏ سگهارو ڏانءُ رکندڙ لڪشمڻ جو پيچرو ئي پنهنجو آهي. سندس نزاڪتن سان ڀريل غزلن ۾ متو غزل آهي. جيڪو ڏنگي ٿو وجهي. ڪٿي سندس غزل ڇهندڙيون پائيندي نظر اچن ٿا تہ ڪٿي وري ڪتڪتايون ڪڍائي ڇڏين ٿا. لڪشمڻ جي غزلن ۾ جيڪا زندگي جي ڏڙڪن ڏڙڪي پئي. زندگي جي اها ڏڙڪن پڙهندڙن کي پنهنجي دل جي ڏڙڪن محسوس ٿيندي.خوبصورت استعارن ۽ شعور سان ڀريل سندس هھڙا خوبصورت غزل موضوعاتي محدودگين کي لتاڙي بي اٿاھ لامحدودگيون رکن ٿا. اهڙيون موضوعاتي لامحدودگيون اڳ ۾ ورلي ڪنهن شاعر جي غزلن ۾ سمايل نظر ايندیون. مان بنا ڪنهن رک رکاءُ جي، هي لکان ٿو تہ ويجهي ماضي ۾ لڪشمڻ جي غزلن جهڙا خوبصورت غزل ٻيو ڪو شاعر نہ لکي سگهيو آهي.

**مشتاق گبول**

03013829447

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڇوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعويٰ ڪري ٿـو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿـي سگهن ٿـا. بيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳَل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تـي بہ ٿِيـن. اهـڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَنَـن پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃِن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَّ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ "هاٿي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو" نادانيءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙھڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ ھوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي ھٿن ۾ رھنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙھي سماجي حالتن کي بھتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙھندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جھڙن سوالن کي ھر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انھن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنھنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گھرج unavoidable necessity سمجھندي ڪتابن کي پاڻ پڙھڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻھن تائين پھچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توھان بہ پڙھڻ، پڙھائڻ ۽ ڦھلائڻ جي اِن سھڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگھو ٿا، بَس پنھنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، ھر قسم جا ڳاڙھا توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منھنجا ياءُ
پھتو منھنجي من ۾ تنھنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلھي پاتم ڪينرو)